# مان تنهنجو لباس آهيان

(شاعري)

## علي منصور



BOOK NO: (218)

ڪتاب: **مان تنهنجو لباس آهيان**
(شاعري )
ليکڪ: **علي منصور**
ٽائيٽل : آصف رضا نظاماڻي
ڇاپو پهريون : جولاءِ **2018**ع
ڪمپوزنگ: ڪنول گروپ
ڪنول پبليڪيشن، قنبر.

قيمت: **300** روپيا

Man Thaujo Labis Ahyan
(Poetry)
by:  Ali Mansoor
First Edition@2018
All Rights Reserved with
© Kanwal Publistion Kamber

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**
ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد.
سمبارہ/ڪنول بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، ڳاڙهي ڪاٽو- حيدرآباد.
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو – سليمان برادرس، نواب شاهه
انڊس ويلي بڪ شاپ، دادو – مدني بڪ اسٽور، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر - ٽرڪتاب گهر، مٺي.
ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد. تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس-
مهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ، سراج بڪ اسٽور، قنبر

# ارپنا

مون خدا جي ذات کي ناهي ڏٺو،
تون ئي منهنجي لئہ خدا جهڙي امان!

پنهنجي پيار جو هي پهريون پورهيو،
مونکي جنم ڏيندڙ،
مون تي منصور نالو رکندڙ،
پنهنجي امڙ جيجل
ءِ
بابا سائين جي نانءُ.

**علي منصور**



# مُنهن ڏيکائي

اداري پاران: سعيد سومرو 10
مهاڳ محمد دين راڄڙي 11
پنهنجي پاران علي منصور 19

## غزل - جعفر جاني

- شال سانگين سندو ولولو تي پوان 21
- سيلاب ڪٽي آئي، طوفان ڪٽي آئي 22
- سونهن جي هر ادا دلرُبا کي نهي 23
- ڪو رڪيل آ فلسفو هن مام ۾ 26
- باک ايري ڏني آ دلداري 25
- تُنهنجي نيڻن جون نديون اُڪري سگهان 26
- جڻ تہ گُل تي ڦُڙا رات جا بند ڪيئي 27
- تون چا وڙهندين ويڙه حقن جي او نادان! 28
- توڏي وڌندا پير، پلي تون پرکي ڏس 29
- زرد پنّ جان بي اثر سڀ خواهشون 30
- هُن جو هي ڏسڻ مون ڏي، قربت جي علامت آ 31
- مدهوش نيڻ، جوين پرپور تنهنجو آهي 32
- ايڏا جو ڪَڙا ٻٽجون 33
- ديل ۾ مورن جي، تر پارت ڪئي 34
- ڪيڏو عجيب تُنهنجي قُدرت جو ڪارخانو 35
- نينهن جي ڪنهن ناز جهڙي چوکري 36

- وار ڪر مون تي پلي تون، ڊر نہ ڏي 37
- غم چڏي غمخوار رقص ڪيو! 38
- سچڻ تُنهنجي نگاهُن جو، نهارڻ ئي نرالو هو 39
- روز آهن ڪات آڏا سنڌ لئہ 40
- جڏهن هتڙي محبت ئي، جرمِ ميهار تي پئي آ 41
- پلايون تيون ٻڌجن، ڳچيءَ مَنجهہ ڳارا 42
- سوچ، اکڙين جا موتي تي رولين چري 43
- بي پاونا رهيا سون 44
- اڙي حُسن ڏاڍو هنرباز آهين! 45
- چَپَ مُنهنجا هُنَ جي پنبڙين ڏي وڌيا 46
- ريشم جي راهہ ناهيان، وينجهار تي پوان مان 47
- سونهن جو سلطان تي آهي پُڳو 48
- ڪو جي ڳيرو پيار ڏي پيرَ وڌائيندو 49
- حوصلا ڏي ڪي سگهارا ڪا گهڙي 50
- هي دنيا پيار جو اُهڃاڻ آهي 51
- رب پاڪ توکي لائقِ تحسين آ ٻڌايو 52
- درد جا منظر بہ ڏسجن تا گهٽا 53
- رابيل جي ڪلين تي تيزاب چو تو هارين 54
- عڪس آهيان ٻن چين جي چاهہ جو 55
- هر رات جهنجهوڙيو تنهائيءَ ۾ سانت سڙيءَ تڙپايو هو 56
- تند تٽي ڪا بات ڪلا ڪان ڪتجي وئي 57
- پَل باهہ سندا دريا اُڪري 58
- ايترو سنگدل ٿيڻ، ڪنهن ڪان سکيو آهين پرين! 59
- شام تي مون وت قضائن رقص ڪيو 60
- ملي تو ساڻ، تنهنجي هر ادا تي پروسو آيو 61
- مُعطر سب ڪري منظر 62



- دل ٽُٽي پئي، ساهہ ڪي چيهو رسيو 63
- ڪنهن جي دل ۾ ڌڙڪڻ چاهيو يار اسان 64
- تو پچاٽا شاعري آ سوڳ ۾ 65
- سُونهن ڪي ڳَڙڪيون نقابن جون ڏنئي 66
- حاضريون حق جون پرڻ ٻهتر اٿئي 67
- فرشتن سندو رب ڏنو ڪو اثر ٿئي 68
- دعائن جا سيئي لمحا، طوافِ يار ۾ آهن 69
- عشق پيلي گهڙي جيئن ڳري تو پيو 70
- حُسن جهڙو جليل ڪونهي بيو 71
- آهين باندي نہ ڪنهن سڪندر جو 72
- بغاوت سندا گيت ڳايا اسان 73
- ڪر ڪٽي هاڻ اظهار جوڳيئڙا 74
- عشق ۾ ڪائي ڪمي رهجي وئي 75
- جيئن لمحا، رات ڏي وڌندا رهيا 76
- اسان ڪيڏا اُجايل هون، اسان ڪي سمجهہ او جانان 77
- رڳو رئيس تَر جو ئي ڏايل سُتل آ 78
- نوحن جا چو روپ مليا هن نغمن ڪي 79
- دل يار گهٽن اهنجن چڪرن ۾ وچي ڦاتي 80
- ناهي تُنهنجي خبر ڪٽي آهين! 81
- تيون قتل ڪن روز جي ڪنهنجون اکيون 82
- موت حيات جي اُلجهن ڪي، سُلجهاءِ اچي 83
- موسم خمار ماٽيا، اکڙيون تي چنڊ ناريون 84
- ڏين تا نشا نيڻ ڪارا گهٽا 86
- رات هجر جي ڳوري آ ڪنهن پهڻ جيان 87
- هوُ چنڊ جان هو بهو آهي 88
- روئي هر رات تارا تکيندو رهيو 89

- ياد ڪنهن ڪي ڪو ڪري ٿو رات پر 90
- درد وارن جي دل پڙهي ڏسجي 91
- ٿي پياسين اسان ٻہ ماڻهو پر 92
- ديس پنهنجي مان ڏاريا ڏڪاري اُٿي 93
- ڪُتل ڪَتيءَ ڪَيس ۾ آهيون 94
- ساڳي دل جي حالت، ڪان اڃان بدلي 95
- مِٽي آهيان، واري آهيان 96
- واڳونءَ جي ڇڙ وات ۾ گهاريو آ جيون 97
- مونکي ايڏا گهاءُ ڏيڻ مان ڇا ورندئي 98
- الله جي پوهه پارن ڪي، پريتم جو نٿو سمجهه 99
- پارسائي نٿي ڪپي مون کي 100
- رات ڪنهن جي سونهن ڪي ٿي مون تَڪيو 101
- جهوپن ۾ ڪو چنڊ رهي ٿو 102
- وڏي للڪار جي ڳولا 103
- ٻيجل ڪي سِر دان ڪريان ٿو 104
- رات ۾ ديپ ٻاري، هلِي ٿي وڃين 105
- برياسين ٻاٽ ۾ هرپل 106
- ستمگر ڳوٺ هن جي ۾ وٺي اي دل نہ ويندي ڪر 107
- بي خوديءَ جو، نشو چڙهيو مون تي 108
- تلوار ڪٽي توتي ترخان گهٽا آيا 109
- تنهنجا ماڻان مئڪشيءَ جهڙا چري! 110
- لفظ سڀ سهٽا رسيلا رائيگان 112
- سچ جو پيڪر آهيان مان 113
- شاعري، تنهنجو خواب ٿي پئي ها 114
- ڏکن، سُکن سان نهي وياسون 115
- ياد ڪا تنگ جي ڪندي هوندئي 116





- جَلڻ پنهنجي مقدر ۾ لکيل آهي 117
- جهنگ گهاٽي، ڪنهن انڌيري ۾ حيات 118
- عيب پنهنجا رکي لڪائي ٿو 119
- منهنجون سڀ تحريرون ڏسجان 120
- حقيقت هان، ڪوڙي ڪٿا ڪو نہ آهيان 121
- جڏهن تڪميل تي پهتس، وڃايو تو وري مون کي 122
- گهاءُ ڏي مون کي، نہ ڪو پڇتاءُ ڪر 123
- ڳنڍ وانگر ٿي نڙيءَ ۾، آنءُ ترسيو آهيان 124
- وڏي ٿي زندگي تنهنجي ڪلڻ سان 125
- ڇهيو آ تو هوا وانگر، ڪو مون ۾ گل ٽڙيو آهي 126
- مَنَ گهيلو محبتون ڳولهي پيو 127
- درد جي ڪنهن سراب جو چهرو 128


## طرحي غزلَ


- نئين ڪنهن گهور گهايو هو، تيو ڪجهه پيار وانگي هو 129
- اسان کي نيٺ نيندي من، سُکن جي پار تنهائي. 130


## وايون - ڪونج بلوچ


- هڪڙو پوڙهو شام جو 131
- ويري ٽيا واهرو 132
- اوشاعر هن ديس جا!... 133
- پنهنجو پنڌ اڳي اڃان 134
- مارئي تنهنجي ماڳ تي 135
- ٿر تي موت لٿو اچي. 136
- نديڻ وسري ڪونہ ٿو. 137
- تارن ڀري رات ۾! 138

- وقت بيهي ئي نہ ٿو! 139
- مَنَ ۾ آس سنجوڳ جي. 140
- تنهنجون ساروٽيون پرين! 141
- تنهنجي وئي ڪان پوِ امان! ..... 142


## نظم - عرفان لُنڊ


- منهنجوآجهو.... 143
- قبيلائي جهيڙا.... 145
- يوروپيل 147
- اهڙو نينهن آ ٿيندو جاني! 149
- ڪا جنگ ضروري آ 151
- "حسينا" 153
- جيون ۾ ڪو ساز وڳو آ 155
- قيد جون چاڙهيون ...... 157
- تصوف.... 160
- ڪو بہ منهنجي ڳوٺ ۾ واندو نہ آ... 162
- هائيڪو نظم 165
- هائيڪو نظم 166
- چپن جا ذائقا!.... 167
- جاڳ جا خواب... 169
- مون مٿان ورجاءُ جي تهمت لڳي؟ 171
- مسافر زندگي...! 172
- اوشاعري!.... شڪوا 175




### اداري پاران؛

**علي** منصور (14 January 1983) کي توڙي جو سنڌي جديد غزل جي خوبصورت سفر ۾ شامل ٿيندي گهڻو عرصو ناهي گذريو پر ڪتي بہ، ڪڏهن بہ ائين محسوس ناهي ٿيو تہ هُو ڪنهن سيڪڙات ست جو حصو هجي. هن جي غزل ۾ واين جي اونچي اڏار اها ڳالهہ بخوبي پڌائي ٿي تہ سنڌس ادبي پالنا مضبوط سڪيا گهر جي مالڪن هٿان ٿي آهي.

علي منصور لڳ ڀڳ مڙني جديد ۽ قديم شعري صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر سندس غزل جي فڪري ۽ فني پڪيڙ ٻين سڀني صنفن تي حاوي آهي. هي سندس پهريون غزليہ مجموعو 'مان تنهنجو لباس آهيان' جيڪو بنهہ پختو فني ۽ فڪري ڦهلاءُ رکندڙ آهي، تنهن ۾ غزلَ جا ڪي ئي سٽاوَ نواڻ رکندڙ آهن ۽ غزلَ جي بنيادي فني لوازماتن تي مڪمل پورا لهندڙ آهن. فڪري رنگن ۾ جيتري نواڻ علي منصور سموهي سگهيو آهي، اهڙي جدت سندس لکتي وهي رکندڙ نون لکندڙن وٽ بنهہ ناهي. پاڻ سماجي موضوعن تي شعر لکڻ ڪان وٺي نئين زماني ۾ ٿيندڙ عالمي توڙي ديسي خوشين ۽ غمين تي جيڪي دلي تاثرات شعرن ۾ پرويا آهن، سي خيال تمام گهٽ شاعرن وٽ آهن.

پاڻ سوشل ميڊيا تي موجود شاعراڻي ست ۾ اهم جاءِ والاريندڙ رهيا آهن ۽ هاڻ ڪتابي صورت ۾ پنهنجا غزل، وايون ۽ نظمَ خوبصورت رنگن سان پيش ڪندي، وقت جي سمورن اهم نقادن ۽ پڙهندڙن لاءِ نئين چئلينج تي اُپريا آهن. اميد رکجي ٿي تہ سندس ڪيل پورهئي تي پيار جون نظرون ڦيري، پنهنجي جامع رايي سان نوازي علي منصور جي ڪيل شاعراڻي سفر جي سڦلتا لاءِ دعاگو ٿيندا.


**سعيد سومرو**
ڪنول پبليڪيشن قنبر
Cell: 0333-7523132
Saeedsoomro44@gmail.com

# "پنهنجو پنڌ اڳي اجان......"

وصي شاھ جي غزل جو بند آهي

**مين خوش نصيبى ہوں تيرى، مجھ بھى راس ہے تو،**
**تيرا لباس ہوں ميں، اور ميرا لباس ہے تو.**

وصي شاھ مطابق تہ هن اهو خيال قرآن پاڪ جي هڪ آيت مان ورتو آهي، جنهن جو ترجمو آهي:

**"هو (جيون ساٿي) توهان جو لباس آهن ۽ توهان (مڙس) انهن جي لاءِ لباس آهيو."**
(سورت البقر آيت 187)

علي منصور جي ڪتاب جو نالو بہ **"مان تنهنجو لباس آهيان"** منفرد نالو آهي. علي منصور جي شاعري گهڻي عرصي کان پڙهندا آيا آهيون، پر هڪ ليکڪ لاءِ شاعري جهڙي نفيس آرٽ تي لکڻ بنهہ آزمائش ٿئي ٿي.

چو تہ شاعريءَ کي منهنجي ذاتي راءِ مطابق، جيترو ٻڌي حض ماڻي سگهجي ٿو، ايترو 'پڙهي' مزو نٿو ماڻي سگهجي. شاعري جي مَتن ۾ شاعر جون اڌ خاصيتون، صلاحيتون ۽ ڏات پرکي سگهبي آهي، جڏهن تہ شاعري جي ڪنهن بہ اسم جو اصل مزو ان کي ڳائڻ کان پوءِ ئي ماڻي سگهجي ٿو.

علي منصور جي شاعري بہ پڙهندڙ کي اپيل ڪري ٿي. ان ڪري ان کي فقط ان عمل جي بہ خوشي هجڻ گهرجي تہ هو هڪ شاعر آهي. اهو ڪتي ضروري آهي تہ هر ڪو صفِ اول جو شاعر هئڻ گهرجي، چو تہ هڪ شاعر جي پنهنجي آزاد دنيا ٿئي ٿي، هن جي سوچ، فڪر، ڏات، خيال جي حسين پر پين لاءِ مڪمل Abstract دنيا، جنهن کي هڪ تخليقڪار ئي آباد ڪري سگهي ٿو.

شاعر کي پنهنجي شاعري سان بہ محبوب جيان پيار ڪرڻ گهرجي ۽ جيئن ماڻهو محبوب جي خوشي خاطر سڀ ڪجهہ ڪندو آهي، ايئن شاعر کي بہ پنهنجي محبوب ڪويتا کي سينگارڻ لاءِ تمام گهڻو پڙهڻ گهرجي، شاعر جي



شاعري پلي ڪهڙي بہ پد جي هجي، ڪو مسئلو نہ آهي، پر شاعر جو علمي قد مسئلو هجڻ گهرجي.

آئون سمجهان ٿو تہ شاعر جو بہ ڪورس نهڻ گهرجي، جنهن ۾ بنيادي علم، تاريخ، فلسفي، منطق سميت سموري دنيا جي ڪلاسڪ شاعري کان وينڊي جديد شاعري تائين ۽ فڪشن لٽريچر کان وينڊي نظرين، انقلابن، جنگين ۽ ڪرنٽ افيئرس جا ڪتاب شامل هجن. ان کان سواءِ شاعر کي تحقيق بہ ڪرڻ گهرجي. يقينن ان جي شاعري جو پڪ سندس استعمال هيٺ آيل ٻولي جي ترقي سان سلهاڙيل آهي.

ان ڏس ۾ سنڌ ۾ گهڻي ڀاڳي شاعر اوتري محنت نہ ٿو ڪري، جيتري محنت ان کي گهربل آهي، نتيجي ۾ ان جي شاعري پنهنجي تاريخ، زمين، واقعن، ڪردارن، ڪلاسڪس، سورمن کان ڪٽجي فقط تخيلاتي ۽ تصوراتي منظر جو مجموعو ٿي پئي آهي.

ان لاءِ سنڌي شاعري لاءِ (جيڪا اڄ ڪلهہ ٿئي پئي) اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي تہ ان منجهہ گهڻي ڀاڱي اُها تازگي، جدت، نواڻ نہ آهي جيڪا هجڻ گهرجي، ها باقي اسان جي ٿر جو شاعر پنهنجي زمين مان ڦٽل شاعر آهي.

اسان جي عام شاعر وٽ نہ موضوعن جي نواڻ آهي نہ ٻولي جي گهرائي. انهن وٽ ورجاءُ تمام گهڻو آهي. سنوڪر جي بالن جيان اهي ئي مخصوص موضوع ۽ لفظ آهن ، جنهن کي هو اسٽروڪ هڻندا رهندا آهن. انهن وٽ نئين خريداري نہ آهي، اڻ ڇهيل خيال نہ آهن، پر پوءِ بہ ڪيترا ئي شاعر دوست تمام بهترين شاعري ڪري رهيا آهن.

جيئن علي منصور جي غزل جو بند آهي:

**اڪين جو شهر تي آباد پئي تو،**
**اوهان جي سونهن جا منظر ڏسڻ سان.**

"اڪين جو شهر" ڪيڏو نہ خوبصورت "منظر" آهي. واقعي محبوب جون حسناڪيون ڏسڻ لاءِ اڪين جو شهر ئي آباد تي پئي ٿو. منصور جي هن ڪتاب

جي هر تخليق سان مخصوص ڪيفيتن جا منظر ٽيگ ٿيل آهن. هيئين بند ۾ علي منصور جو شاعراڻو شعور معاشي استحصالي جي اوڪ ڏوڪ ڪندي غربت جو سبب سرمائيدار کي سمجهي ٿو:

سرمائيدار ذهنن جي چال آهي ساري،
قسمت هتي نه ڪنهن کي مسڪين آ بڻايو.

پوئٽڪ نئريٽو (Poetic Narrative) اهڙو مثبت پڌو ان سچ کي اظهاري ٿو ته بنيادي طور " غربت جهڙي وبا " قدرتي نه آهي، پر سرمائيدار جي پيدا ڪيل آهي. پيو ان بند ۾ بنائيه کي چيلنج ڪيو ويو آهي ته غربت پنيان "قسمت" جي خرابي جو عمل دخل نه آهي. پر اهو فقط سرمائيدارانه ذهانت جو پيدا ڪيل بهانو ۽ جواز آهي ته ؛ "چو ته اوهانجي قسمت ۾ غربت لکيل آهي، ان ڪري اوهان غريب رهندا ۽ اسانجي قسمت ۾ مال جي ڪشادگي لکيل آهي !"

ان حوالي سان علي منصور جنهن "چال" جو اظهار ڪيو آهي اها چال سمجهڻ لاءِ معاشي تعليم ۽ شعور جو هجڻ ئي اهڙين شاطر چالن ۽ اٽڪلن کي سمجهائي سگهي ٿو. هڪ ٻئي هنڌ ان جو بند آهي:

اسان پيڙاءَ کي چوڙيو ۽ هنڌايو،
اسان ڪٽئي پيڙ ئي پهراڻ آهي.

جامي چانڊيي جي لفظن ۾ "حڪمران پنهنجي مجرمانه نااهلي ۽ بدعنوانيءَ سبب غريب ماڻهن لاءِ جڻ ته هي سمورو سماج لوڻ جي کاڻ بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن ۾ هو ڳري ۽ سڙي ٿو پيو."

علي منصور بنيادي طور رومانس جو شاعر آهي، پر هن جي شاعريءَ ۾ قومي سوال به جڳهه جڳهه تي ملي ٿو ۽ ان ڪانسواءِ پنهنجي ملڪ کان پاهر رهڻ سبب هن وٽ پنهنجي ڳوٺ، ڌرتيءَ جي ماڻهن ۽ ٻي دنيا جي ماڻهن درميان انهن جي زندگي گهارڻ بابت تقابلي جائزو پڻ ملي ٿو. ان حوالي سان سنڌس نظم "**ڪو به منهنجي ڳوٺ ۾ واندو نه آ** " منصور جي ڳوٺ سميت ذري گهٽ سنڌ جي هر ڳوٺ جي "مرداڻي نفيسات"، "پدري سماج"، "عورت جي گهٽ



طرفي استحصال" سميت ڪيترن ئي پين مرضن، جهڙوڪ سُستي، ڪاهلي ۽ صدين پڇاڙان ارتقا جي ڍري ٿي ويل رفتار جي پرهه پوشي پئي ڪري ته هڪ طرف ته دنيا هر شعبي ۾ انقلابي ايجادون پئي ڪري ۽ ٻئي طرف اهو ئي رٽيل ست چورن وارو قصو پيو ورجائجي.

پنهنجي مقصد ۾ ماڻهو ويڙهائي،
ڪيڏي انسانيت لڄائي ٿو.

هڪ بند ۾ منصور محبوب جي نيڻن کي ندين جي گهرائي ۽ خوبصورتي جو ذڪر ڪندي ڪيڏو نه خوبصورت (Hyperbole) يعني مبالغي جو استعمال ڪيو آهي.

تنهنجي نيڻن جون نديون اُڪري سگهان،
ايترو تارو ڪٿي آهيان اجان.

مان جڏهن علي منصور جي سموري شاعري پڙهي رهيو هُيس ته مونکي ان ۾ سنڌس ڳوٺ پر سان ان خوبصورت ۽ منفرد شهر جي تلاش هئي ته ڪٿي نه ڪٿي ان جو ذڪر هوندو، پر اها شڪايت علي منصور کان هجت ۾ ڪبي ته الائي جي چو هُن جي مشاهدي ۾ فيڊر واهه جي ڪناري تي آباد هڪ ننڍڙو پر اکين کي ٺڏو ڪندڙ شهر " ڊرنگ ملوڪوالي " جنهن کي ڪچي جا ماڻهو "ڊرنگن" به چون، رهجي ويو آهي.

حقيقت ۾، جيئن مون مٿي بيان ڪيو آهي، اسان جا ڳوٺ، عوامي ڪردار، اسان جا شهر، اسانجي شاعري ۾ "ڳائجن" جيئن تر جا شاعر پنهنجي ڪيتن، ڳاهن، ڳلن، پوتين، ڪردارن ۽ انهن جي خاصيتن کي پنهنجي شاعري ۾ شامل ڪن ٿا. علي منصور جي شاعري ۾ پنهنجي علائقائي پولي ۽ لهجي جا لفظ نج شامل آهن. جنهن مان ان جي علائقي جي خوشبو اچي ٿي.

منهنجي دل چوري ٿيل ملندي ڪڏهن،
سونهن وٽ جيڪا تمي رهجي وئي.

جڏهن چور چورايل جانور ڪنهن جهنگ يا ڪنهن بہ جڳهہ تي لڪائيندا آهن تہ ان جڳهہ کي "تم" چئبو آهي، ائين ئي هر شاعر کي گهٽ استعمال ٿيندڙ لفظن کي پنهنجي تخليقن ۾ استعمال ڪري انهن کي جيئندان ڏيڻ گهرجي.

علي منصور جي شاعري جو لهجو جديد تہ آهي پر ان سان گڏ هن جو پنهنجو رستو بہ اوترو ئي خوبصورت آهي.

زندگي آ تاش جي جوڪر جيئن،
ڪا اسان ۾ چڻ رمي رهجي وئي.

علي منصور جا غزل ۽ انهن جا موضوع ڪٿي ڪٿي روايتي شاعري محسوس ٿين ٿا پر ڪافي غزل نت نون خيالن ۽ موضوعن کي بہ ڇهن ٿا، هِن جا غزل بہ يقينن اپيلنگ آهن، پر مان جڏهن هن جا غزل هن جي واين سان ڀيٽيان ٿو تہ مونکي الائي چو علي منصور جون وايون وڌيڪ پختيون ۽ اثرائتيون لڳن ٿيون توڙي جو هن مجموعي ۾ غزل تمام گهڻا آهن ۽ وايون تمام گهٽ پر وايون اقليت ۾ هوندي اڪثريت تي حاوي آهن. مان اهو اعتراف ڪيان ٿو تہ مان علي منصور جي واين کي ورائي ورائي جهونگاري پڙهڻ تي مجبور ٿيو آهيان.

مونکي محسوس ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن علي منصور پنهنجي وائي تي وڌيڪ ڌيان ڏئي تہ هن جي اندر وائي جو بهترين شاعر ويٺل آهي. ها باقي هڪ شاعر، هڪ ئي وقت سڀني صنفن تي بہ باڪمال طبع آزمائي ڪري سگهي ٿو ۽ ڪنهن بہ شاعر کي هڪ صنف ۾ مقيد ڪري بہ نٿو سگهجي، اهو تہ ادبي جبر ٿيندو، پر علي منصور جي وائي واقعي پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائيندڙ آهي، جو تہ هن وائيءَ ۾ نہ فقط نوان موضوع ٽچ ڪيا آهن، پر وائي جي ٽيڪنيڪ، وائي جي صنفي جوڙجڪ، گهاڙيٽي ۽ موضوع سان بہ بهترين انداز سان نڀايو آهي. وائي ۾ هن جي احساساتي ڪيفيت تائين پڙهندڙ جي رسائي ٿئي ٿي.

هي حياتي او ميان!
آهي اُڌاري،



وقت بيهي ئي نہ ٿو.

دل چئي ٿي سموري وائي هتي Quate ڪجي

گهٽيءَ مان گذري ويس،
پنيان هُن سڏيو،
تارن ڀري رات ۾!

ٻُڪل اجرڪ جي ٻڌي،
ويندو هُيس اسڪول،
ننڍپڻ وسري ڪو نہ ٿو.

هن سموري وائي ۾ ٻاروتڻ واري Nostalagia آهي.

يہ دولت ڀِي لے لو، يہ شهرت ڀِي لے لو،
مگر مجهہ کو لوٽا دو وهہ بارش کا پاني،
وهہ ڪاغذ ڪي ڪشتي . . . . . . . . . . .

وڻن منجهہ رسا وجهي،
جهولا ٺاهي جهول،
ننڍپڻ وسري ڪو نہ ٿو.

دل کي ريجهائي پيو،
يادن سان جهيڙي،
هڪڙو پوڙهو شام جو.

۽ ايتري اثرائتي اها وائي آهي، جيڪا منصور پنهنجي والده جي ياد ۾ لکي آهي. وائي کان پوءِ جڏهن منصور جي 'نظم' جو مطالعو ڪجي ٿو تہ هُن نظم ۾ بہ پاڻ مڃرايو آهي. هِن جو نظم: "**ڪا جنگ ضروري آ**" ، " **قبيلائي جهيڙا** " ، " **منهنجو اجهو** " ۽ "**تصوف**" ان ڏسڪور کي اپاري ٿو تہ اسان لئہ سڀ ڪان پهرين پنهنجي ڌرتي جو تحفظ چو ضروري آهي؟

مان منصور جا سڀ نظم پڙهي جڏهن هن جي نظم "**پورو پيل**" تي پهچان ٿو، مونکي منصور جي تاريخي شعور، مزاحمت، ايڏي بولڊ ڊسڪور ۽ اسٽينڊ تي رشڪ اچي ٿو.

**ها مان هندو ۽ توم مسلم!**
**تنهنجا پير هوا ۾ ناهن.**

**مجيم مذهب ساڳيا ناهن،**
**ڌرتي کي ڪيئن ڌار ڪندين تون!؟**

**متي تنهنجي ماءُ مڃان ٿو،**
**منهنجي پڻ هي ماتا آهي.**

هي نظم تاريخي شعور، مِٽي، ڌرتيءَ جي وارثي، مزاحمت ۽ پنهنجي بي ساخته اظهار ۽ ساخت ۾ هِن سموري قوم لاءِ نماڻو منشور آهي ته، "ڌرتي جو ڪو بہ مذهب نہ ٿيندو آهي" ڌرتي سڀني جي ماءُ ٿيندي آهي، ماءُ ورهائبي نہ آهي.
ڪيڏو نہ انياءُ آهي جو سموري سنڌ جي شهرن، ڳوٺن ۾ آباد اڪثر سنڌي هندن کي گهرن جا اصل مالڪاڻا حق هن مهل تائين نہ ڏنا ويا آهن.
علي منصور جو هي نظم هن سموري ڪتاب جو "سرموڙ نظم" آهي ۽ اهو "بيان" اسان سموري قوم جو پڻ آهي تہ پلي اسان جا عقيدا ۽ اعتقاد پنهنجا پنهنجا هجن پر اسانجي قوم ساڳي آهي . اسان ڌرتي جي بدن ۾ ڊوڙندڙ ساڳي رت آهيون.
علي منصور پنهنجي شاعري ۾ پنهنجي شاعر دوستن کان سواءِ سنڌ جي شهرن جو ذڪر بہ ڪيو آهي ۽ مان فقط ان جي شاعري جي ڪجهہ پهلوئن تي پنهنجي وت وس آهر راءِ ڏني آهي. يقينن هن جي شاعري تي مفصل ڪم ڪيو ويندو ۽ ڪيترائي اندر لائين ڪيل بند، ورتل نوٽس هِن راءِ ۾ شامل نہ ڪري سگهيو آهيان، چو تہ هڪ ڪتاب جي شاعريءَ تي لکڻ مطلب تہ هڪ شهر جون سموريون گهٽيون گهمڻ . آخر ۾ علي منصور لاءِ نيڪ تمنائن سان ان جي هڪ پر امید وائي جي چند بندن سان موڪلايون ٿا، ۽ علي منصور لاءِ پڻ سندس ئي



وائي اُن ڪي ارپي. هِن ڪتاب جي پنڌ کان ڪيترن ئي ڪتابن جي پنڌ تائين مسلسل هلندو رهڻ جي توقع ٿا ڪيون.

**روڪيو متان پير،**
**پنهنجو پنڌ اڳي اجان.**
**هلندو رهي قافلو،**
**توڙي دير سوير،**
**پنهنجو پنڌ اڳي اجان.**
**ايندا آڏو اوچتا،**
**سسئي وارا ڏير،**
**پنهنجو پنڌ اڳي اجان.**

شال اسان سڀ پنهنجي پنهنجي پنڌ منجهان نہ ٿڪجون ۽ نہ دلشڪستہ ٿيون جيئن پٽائي سرڪار چيو آهي .

**هل تہ هيڪاندي ٿيئين، ويهي وجهہ مَ وير......**

**محمد دين راجڙي**
**ليڪچرر**
**گورنمينٽ بوائيز ڊگري ڪاليج ڏهرڪي.**
24 مئي 2018

ذوق جي دونهين ننڍي هوندي کان ئي دل ۾ دڪيل هئي، ڳالهہ ياد ايندي آهي تہ عجيب ڪيفيت ۾ هليو ويندو آهيان.

ڳوٺ ۾ پڙهائيءَ جو جوڳو بندوبست نہ هئڻ سبب مون کي پڙهڻ لاءِ چاچا جي گهر شهر موڪليو ويو، اڃان ڇهين درجي جو شاگرد هئس تہ انوپ جلوٽا، پنڪج، جگجيت، عابده پروين، محمد يوسف وغيره جون ڪيسٽون خريد ڪري گهر ۾ ٻڌندو هئس. اهڙي گهر ۾ جتي رڳو انڊين فلمي گانا پسند ڪيا ويندا هئا. هاڻي پنهنجي اهڙي شوق تي سوچيندو آهيان تہ پاڻ ئي دنگ رهجي ويندو آهيان، پنهنجي انهيءَ بغاوت تي. ڳالهہ رڳو اتي ختم نہ ٿي ٿئي، ستين ائين درجي ۾ آيس تہ شاعريءَ جي ڪتابن جو پاڻ مرادو شوق شروع ٿي ويو، جڏهن تہ گهر ۾ ڪنهن کي اردو شاعري جا ڪتاب بہ نہ وڻندا هئا، آئون هڪ جيڏن سان جهانپور جي ميلي تي وڃان تہ اهي پيا موت جا کوھ وغيره گهمن، آئون رڳو ڪتابن جا اسٽال جاچيندو وتان. مليل خرچي مان پٽي استاد بخاريءَ جا ڪتاب خريد ڪري هٿ چڙهندي اچي گهر پهچان. ڪورس جي ڪتابن کي شاعري جا ڪتاب مَلهہ ماري ويا، اهو ئي سبب هيو جو مئٽرڪ کان اڳتي تعليم جاري نہ رکي سگهيس.

غربت سبب مئٽرڪ کان پوءِ فيڪٽرين جو رخ ڪيم، ائين شاعري لڪ ۾ روزي ڪرڻ جو ڊگهيل سلسلو شروع ٿيو. منهنجي شاعري کي فيسبوڪ جي صورت ۾ هڪ عاليشان پليٽفارم مليو. جتان شاعر دوستن سان دوستي جا سلسلا شروع ٿيا، پنهنجي علائقي جي شاعرن مون کي سڃاتو. فيسبوڪ تي رُلندو ڏسي سڀ کان پهرين منهنجي ڇيچ پنهنجي علائقي جي سهڻي شاعر سائين جميل سومرو جهلي، جنهن مونکي شاعري جي صحيح رُخ کان آشنا ڪرايو ۽ پوءِ پياري مير احمد منهنجي ڪچي ڦڪي شاعري جي اصلاح ڪئي، مفتون ڪورائي تہ اسان گهوٽڪي ضلعي جي سيني شاعرن جو استاد رهيو آهي. سموري سنگت سان ملاقاتن جا سلسلا شروع ٿي ويا، ملزم سومرو، امر ڪهاوڙ، عرفان لنڊ، جان زرناٽي، پريم پتافي، فدا ملڪ، سائين محمد دين راڄڙي، غفار شيخ مطلب تہ تَر جي سيني شاعرن سان ڪچهريون، شاعري تي بحث، سکڻ سيکارڻ، پوءِ فيسبوڪ جي پيِن دوستن بہ سڃاتو، جن ۾ جعفرجاني سر فهرست آهي. جاني کان بہ اصلاح وٺندو رهيو آهيان. سائين سراج شاهہ، سائين گلزار سيال، گل بهار باغائي، مون سيني سينئر دوستن کان گهڻو ڪجهہ سکيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اڄ هي ڪتاب سهڻن پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

هن ڪتاب ڇپرائڻ ۾ جنهن ڳُجهي ساٿي جو هٿ آهي، آئون عمر پر ان جو ٿورائتو رهندس، ان جي مدد ۽ دلچسپي نہ هجي ها تہ شايد آئون عمر پر ڪتاب نہ ڇپرائي سگهان ها.

اميد تہ منهنجو پورهيو سنگت کي پسند ايندو.

آئون سيني سينئر دوستن جو خاص ڪري ڳُجهي ساٿي ۽ گلبهار باغائيءَ جو دل سان ٿورائتو آهيان. انهن سان گڏ **ڪنول** پبليڪيشن قنبر اداري جي سرواڻ محترم دوست ۽ سنڌي غزل ۾ پنهنجي منفرد سڃاڻپ رکندڙ سعيد سومري جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي پهرين پورهيي کي خوبصورت ڪري ڇپايو آهي.

سيني جو دعاڳو:

**علي منصور**

03003446212

alibuxmansoor786@gmail.com






لمحاتي ڪيفيت، يادن جي بازگشت، مشاهداتي نگاهہ جي وسعت، مطالعي جو جوهر ۽ فطري شاعراڻو مزاج ئي شاعر کي پنهنجو شعور شعر ۾ اظهارڻ لاءِ اتساهڻ جا بنيادي محرڪ آهن. اهو اتساهہ ئي شاعر کي خيالن ۽ تصورن جي هجوم مان چونڊ جي عمل مان گذاري ٿو. ۽ پوءِ اهي چونڊيل تصور خيال ئي پنهنجي اظهار لاءِ صنف جو تعين بہ پاڻ ئي ڪري ڇڏيندا آهن.

جيتوڻيڪ هر صنف جي اظهار جون پنهنجون پنهنجون گهرجون ۽ نزاڪتون هونديون آهن، پر غزل جي صنف جا انگل ۽ آرا ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حساس ۽ نفيس هجن ٿا. تخليقي عمل دوران تخليقڪار جي آڱرين جي ننڍڙي لغزش بہ غزل کي چنيسر ۽ تخليقڪار کي ليلا بڻايو ڇڏي.

اسان جو يار علي منصور بہ غزل گو شاعر آهي ۽ اهڙو غزل گو شاعر آهي، جيڪو غزل جي اصل روح کي سمجهي ٿو. هو غزل لکڻ وقت فيشني لفاظي جي ور چڙهي قاري کي لفظن جي جهنگ ۾ نہ ٿو رولي ۽ فضول تشبيهن ۽ استعارن جي ڀرمار بجاءِ هو خيالن جي گهرائي ۽ اظهار جي سلاست کي ترجيح ڏئي ٿو. تنهن ڪري سندس اظهار ابهام کان پاڪ بنهہ تز ۽ سرل آهي.

منصور کي جيتوڻيڪ غزل جي پٿريلي ڀيچري تي هلندين گهڻو وقت ناهي گذريو پر تڏهن بہ هن غزل ۾ بيخودين جا ڪيف ،بارشن جي پياس ۽ قلندرانہ مجذوبيت جا عڪس چٽڻ مهل غزل جي تغزل ۽ ترنم کي برقرار رکڻ جو هنر سکي ورتو آهي. پر اڃان بہ ڪيس وڌيڪ سکڻو آهي ڇو تہ غزل جي صنف تہ آهي ئي رسٽي محبوبا جهڙي. ڪيس هر پل راضي رکڻ لاءِ پاهڻ تہ پيهڻا ئي پوندا نہ.

جعفر جاني

شال سانگين سندو ولولو ٿي پوان،
ڪنهن کي روئندو ڏسي پرجهلو ٿي پوان.

مون کي ايڏي تہ طاقت عطا ڪر خدا!
ڏاڍِ ڏاڍي اڳيان زلزلو ٿي پوان.

جي اکين منجھ پائين تون سرمو ڪري،
”طورسينا“ جيان ڪوئلو ٿي پوان.

تون جتي پيي هجين ساڻ توسان رهان،
چيچ تنهنجيءَ جو سهڻو چلو ٿي پوان.

سنڌ جي سرزمين تان هي ڌاريا تڙي،
ديس پنهنجي جو پُٽ دادلو ٿي پوان.

حق جي نعري تان سولي چڙهي شوق ۾،
ڪاش! منصور جو مان ڳلو ٿي پوان.



سيلاب کڻي آئي طوفان کڻي آئي،
هر مُند اسان جي لئہ ارمان کڻي آئي.

هر ذهن مڃي ٿو آ خوشين جو ڏيهاڙو پر،
هر عيد لڪين چهرا، ويران کڻي آئي.

بي ڏوهہ ويو ڪنيجي، هن ڳوٺ منجهان ڳيرو،
مجبور امڙ ٿاڻي، قرآن کڻي آئي.

نڪتي جو سهيلين سان سينگار ڪري سهڻي،
اکڙين ۾ ڪجل پائي ڪي ڪانَ کڻي آئي.

هر شام ڏسي هُن کي ٿا مور هڻن جهُمريون،
جنت جا صفا ويجها امڪان کڻي آئي.

اندر ۾ ٿيا آهن احساس سوين پيدا،
محبت ئي وري مون ۾ انسان کڻي آئي.

منصف جي ڦٽي منَ مان، جلاد سندي فطرت،
منصور تي سوليءَ جا فرمان کڻي آئي.

سونهن جي هر ادا دلرُبا ڪي ٿهي،
عِبرتُن جو جهان انتها ڪي ٿهي.

حُسن فطرت جو اڻ ڪُٿ سمايل اٿئي!
مُرڪ محبوب تنهنجي حيا ڪي ٿهي!

تنهنجي آڏو اچي، ڪنهن ۾ ايڏي جُرئت!
تُنهنجي سامهون اچڻ پارسا ڪي ٿهي.

تنهنجي هٿڙن تي تعبير جا گُل رکڻ،
هي عمل ئي ٿو هر هڪ دعا ڪي ٿهي.

سُر سنگيت جي ڏيهہ جي سونهن آ،
راڳ ڪيڏو پيو ٿو لتا ڪي ٿهي.

عيب انسانَ ۾ اڻ ڳڻيا او پرين!
لفظ ”بي عيب“ ٿو بس خدا ڪي ٿهي.

راز اُلفت جا ڪنهن جي اڳيان ٿين عيان،
ائينَ هرگز نہ ٿو همنوا ڪي ٿهي.

تون چو ”منصور“ تي ٿو وَسائين پَٿر،
سنگ باري ڪرڻ بي وفا ڪي ٿهي.



ڪو رکيل آ فلسفو هن مام ۾،
زندگي ڦاٿل پکي جيئن دام ۾.

نيڻ پنهنجا وچڙندي پئي مون ڏٺا،
ياد ٿئي ڪجھ گڏ پُسياسون شام ۾.

ٻارڙن جا ٿهڪ آهن زندگي،
چو نہ پل پو پئي خلل آرام ۾.

توکي مون کي ڏار ڳوناٽن ڪيو،
ڪا صداقت ڪين هئي الزام ۾.

مان هوا وانگر اچان ٿو اڏرندو،
چا تہ ٿئي سهڻا اثر پيغام ۾.

عيد تي مون کي گهُرائي پاڻ وٽ،
بي رخي تو پيش ڪئي آ طعام ۾.

ڪلهہ جڏهن ”منصور“ ساقيءَ منهن مٿيو،
لڙڪ مون پيتا ملائي جام ۾.

باک اپري ڏني آ دلداري،
رات رهندي بہ چو سدا ڪاري؟

صبح پنچين- اڏار جيئن اجرو،
سج پيي پنهنجي روشني هاري.

ڪوئي روزيءَ جي فکر ۾ ڦاٿل،
عشق جي ڪو، ڪري ٿو پوئواري.

پَل جيئون پاڻ ڊنگ پنهنجي سان،
پر نہ ٻڄون پين جي لڪ ماري.

ٿيا نہ پرواز لاءِ پر حاصل،
عمر ساري مون قيد ۾ گهاري.

هن تي انگور جي چڙهي آ ول،
يا تہ مهڪي گلاب جي ٽاري.

مارئي لڄ بچائي پوتيءَ جي،
پنهنجي مارن سان پرت هُئي پاري.

چو نہ ”منصور“ پاڻ سڏرايون؟
چو تہ پنهنجي آ دار سان ياري.



تُنهنجي نيڻن جون نديون اُڪري سگهان.
ايترو تارو ڪٿي آهيان اجان.

گهور سان ئي ٿو جُهڪي گردن پوي،
سُرخ گِلڙن تائين آخر ڪيئن رَسان.

درد پنهنجا درگذر سارا ڪري،
تنهنجي مرڪن ۾ ئي گم ٿو ٿي وڃان.

دل ڪيڏي آهي رکي مون وات تي،
آس آ من ٿئي گذر تنهنجو هتان.

زندگيءَ جي تلخ لهجن کي پڙهي،
درد جو چهرو چٽڻ ٿو چاهيان.

تنهن ڪري ئي گوٺ تنهنجي ۾ رهيس،
ڪاش تُنهنجي سهڻي پيشاني چمان.

چڻ تہ گُل تي ڦُڙا رات جا بند ڪيئي،
سلسلا جو ملاقات جا بند ڪيئي.

وار پنهنجا وکيريا تو ڇهري مٿان،
پيچرا پاڻ پرِيات جا بند ڪيئي.

درد، توکي جڳائن نہ بيواجبيون،
ڇو وري در مٿا ذات جا بند ڪيئي!؟

مون کي سنڌوءَ جيان بند ڏاڍا ٻڌئي،
وهڪرا منهنجي جذبات جا بند ڪيئي.

ڏار ”منصور“ ڪان تون نهين ڪانہ ٿي،
وات هلندڙ نہ حالات جا بند ڪيئي.



تون ڇا وڙهندين ويڙهہ حقن جي او نادان!
تون تہ لڳين ٿو محرومين جو قبرستان.

آزاديءَ جو تون مفهوم نٿو ڄاڻين،
آزادي تہ عقيدو آهي، ۽ ايمان.

ميرين رسمن جا تون پالين نانگ پيو،
تنهنجي عملن سان ڪڪجن ڪيڏا انسان.

منکر کي پرنام ڪرين ، پڳوان مڃين،
مت جي موڙهي جاهل جو ٿين ٿو دربان.

اورانگهيندين عظمت جي انسانن جي،
ڏسندين پنهنجي آئيني ۾ ڪو حيوان.

خوف نگر ۾، پاڻ پتوڙج اي ”منصور“!
جنگ جياپي جي ايڏي ناهي آسان.

توڙي وڌندا پير، ڀلي تون پرکي ڏس،
ايندس دير سوير، ڀلي تون پرکي ڏس.

تنھنجي نانءُ جو دل ۾ ڏيئو ٻاريو مون،
هاڻ رهيو نہ انڌير، ڀلي تون پرکي ڏس.

بي دردي کان داد ملڻ جي آس نہ رک،
ٻير نہ ڏيندا ٻير، ڀلي تون پرکي ڏس.

پيار سوا آ جڳ ھي ڪاري رات جيان،
ڪنھن جو ناھي ڪير، ڀلي تون پرکي ڏس.

جھڙو ٻاھر تھڙو اندر آھيان مان،
ڦند نہ ڪوئي ڦير، ڀلي تون پرکي ڏس.

تنھنجي لئہ ھر دور جي ڪانئر آ، ”منصور“!
پاليو منَ ۾ مير، ڀلي تون پرکي ڏس.



زرد پنّ جان بي اثر سڀ خواھشون،
ويو ڳِھي منھنجون شھر سڀ خواھشون.

چير جي چم چم تي روئي رقص ٿو،
ڪين ڇاتيون ڪنھن پٿر سڀ خواھشون.

مفلسيءَ جي رڳھہ ۾ ڪڙھندو رھيس،
ٿيون نہ ڪي ھي ڪارگر سڀ خواھشون.

ڏات ميٺڙي لفظ موتين جيئن ڏنا،
پيار سان پڙھندين اگر سڀ خواھشون.

درد جي مون ۾ وڄي پئي بانسري،
خيال وکريل، منتشر سڀ خواھشون.

ٻير ٻيرن کان ملڻ جي واسطي،
ڪينَ مھڪيون مختصر سڀ خواھشون.

ڪيڏو خوشين جو ڏڪر ”منصور“ آ،
ٿر جا ماڻھو دربدر، سڀ خواھشون.

ھُن جو ھي ڏسڻ مون ڏي، قربت جي علامت آ،
منھنجو بہ وڌڻ سائين، چاھت جي علامت آ.

ھر روز مَتي ٿي ھوءَ، ماٽن سان اڳيان منھنجي،
مدھوش ٿيڻ منھنجو ، صحبت جي علامت آ.

ھوءَ چنڊ جيان مرڪي، تارن سان ڪري ڳالھيون،
ھر جاءِ سندس جلوو، شھرت جي علامت آ.

جن جن بہ ڪيو آھي انڪار محبت جو،
انسان سڏائن ٿا، حيرت جي علامت آ.

آھيان يا ڪٽي ناھيان، دل جو بہ ڏٽي ناھيان،
گم آنءُ منجھس آھيان ، نسبت جي علامت آ.

”منصور“ متي تو ڪي، ماٽي نہ سگھيو آھي،
ھر ساھ تڏھن اڏمو، حسرت جي علامت آ.



مدھوش نيڻ، جوڀن ڀرپور تنھنجو آھي،
ٿو چنڊ چمڪي اپ ۾، يا نور تنھنجو آھي.

تنھنجي گلن ۾ خوشبو، تون رنگ پوپٽن جو،
۽ دل ڏيڻ وٺڻ جو، دستور تنھنجو آھي.

پيئڻ بنا ٿڙان ٿو، تو ڪي ڏسيو ٿڙان ٿو،
مڌ ڪان گھٽو ھي لھجو ، مخمور تنھنجو آھي.

ھر ساھ منجھہ تو ڪي، محسوس مون ڪيو آ،
دل ڪان بہ ويجھو توڙي ، گھر ڏور تنھنجو آھي.

ٿي ناڪنئو نھاريان، ھر پار ڪان پڪاريان،
تون منھنجي پيڙي آھين ، ۽ پور تنھنجو آھي.

اي حُسن يار ڪيئي، مفتون تو ٻڌايا،
ھي مير تنھنجو آھي، ”منصور“ تنھنجو آھي.

مفتون = مفتون ڪورائي گھوٽڪي جو خوبصورت شاعر
مير = مير احمد مير گھوٽڪي جو تمام سھڻو نوجوان شاعر

ايڏا چو ڪَڙا ٻڌجون،
ٽڏڙا ڪي گھڙا ٻڌجون.

ٿي مينهن محبت جا،
نفرت لئہ ڳڙا ٻڌجون.

سنگت آ جڏهن هڪڙي
ڇا لاءِ ڌڙا ٻڌجون!؟

بارود پيري جڳ ۾،
اڄ چنگ چڙا ٻڌجون!

معصوم پکين لئہ ڇو،
”منصور“ نڙا ٻڌجون.

سنگت جي نانءُ (سنگت = سنڌي ادبي سنگت ڏانهن اشارو)



ڊيل ۾ مورن جي، ٿر پارت ڪئي،
وقت ڪي پٽ جي، پدر پارت ڪئي.

جو پپل جو وڻ لڳايو آ امان،
سو ڪڏهن وڍجو نہ، گھر پارت ڪئي.

رنجشن جون سڀ لڪيرون ميٽجو،
جنوري ڪي ڊسمبر پارت ڪئي.

مون سان گڏ رهجان اڇي هن سال تون!
مون ڪي هڪ روئندڙ نظر پارت ڪئي.

هٿ ٻڌي مفلس اديبن لاءِ اڄ،
سنڌ ڪي، موري، سکر پارت ڪئي.

دم اٿئي ”منصور“ جي تخليق ۾،
مير ڪي منهنجي امر پارت ڪئي.

مير ۾ امر= مير احمد مير امر کهاوڙ منهنجي شهر جا ہ خوبصورت شاعر

ڪيڏو عجيب تُنهنجي قُدرت جو ڪارخانو،
هر ذهن ۾ اڏيو تو، حيرت جو ڪارخانو!

ڏمرين تہ ڏيهہ ساڙين، سرچين تہ سڀ سٺائي،
هر جا ڪپي ٿو تُنهنجي، رحمت جو ڪارخانو.

ڪيڏو حَسينُ ناهيو، سنسار تو خدايا!
ماڻهن چڏيو ٻٽائي، دهشت جو ڪارخانو.

ڪوبي ضمير ڪانئر، ڪنهن جا ٿو ننگ تاڙي،
هُنَ جي اکين ۾ آهي، وحشت جو ڪارخانو.

هر ماءُ مَنجهہ پنهنجي، تو آ صفت سمائي،
پيرن ۾ ماءُ جي آ، جنّت جو ڪارخانو.

ڪافر چوي ٿو ڪوئي ، مُنڪر سڏي ٿو ڪوئي،
”منصور“ جو مُقدر، تُهمت جو ڪارخانو.



نينهن جي ڪنهن ناز جهڙي ڇوڪري،
آ سُريلي ساز جهڙي ڇوڪري.

مُرڪ سان موهيو وجهي ماڻهو سيئي،
چنگ جي آواز جهڙي ڇوڪري.

مون نہ هُن جي رمز ڪي ڄاتو ڪڏهن،
زندگي جي راز جهڙي ڇوڪري.

سا فلڪ تي ٿي نظر ڳولي پئي،
باز جي پرواز جهڙي ڇوڪري.

ڇو نہ هِن لئہ تاج محبت جا اڏيان،
هي بہ آ ”ممتاز“ جهڙي ڇوڪري.

ذهن تي هر رات ايري ٿي اچي،
چنڊ جي انداز جهڙي ڇوڪري.

وار ڪر مون تي پلي تون، ڍر نہ ڏي،
قرب ڪر مون کي ڏسي بس در نہ ڏي.

تو کي ڏسندي روح ٿو روشن ٿئي،
چنڊ چهري جي مٿان چادر نہ ڏي.

درد جو آڪاس مون ۾ ٿو لهي،
بي رخين جو واءُ تون ويتر نہ ڏي.

يا خدا آلين اکين جو عرض پڌ!
هي وڇوڙن جا پهر پيهر نہ ڏي.

ذات جي برسات ڏي ”منصور“ کي،
پل نہ ڪا دولت پلي ڪو زر نہ ڏي.



غم چڏي غمخوار رقص ڪيو!
درد جا شهسوار رقص ڪيو.

مون کی کهڙي خبر عبادت جی،
مون تہ ساري چمار رقص ڪيو.

مون ۾ سچل جی شاعري آئی،
مون ۾ اڄ اعتبار رقص ڪيو.

نفرتُنَ کی تڙي ڪيو تَرَ مان،
پيار جا تي ڌنار رقص ڪيو.

بند، آڏو پَڏي بُرائیءَ جی،
ڪائي ٺاهي قطار رقص ڪيو.

مُفسلی بی لباس نياڻیءَ جان،
منهنجي گهر، بي شمار رقص ڪيو.

رات ساري ڪئی مون مئہ نوشی،
رات پر انتظار رقص ڪيو.

”ڪوڙ جی مُنهن ۾ ڏوڙ ئی آهی“
سپ گڏجي سچار رقص ڪيو.

مون انا الحق اُچاريو هر هر
مون ۾ “منصور“! دار رقص ڪيو.

سچڻ تُنهنجي نگاهُن جو ، نهارڻ ئي نرالو هو،
تڏهن اچ دل جي آڳر ۾ ، جمالو ئي جمالو هو.

الستي عشق جو مون تي ، اچانڪ ڪيف ٿيو طاري،
وَتو وجدان پئي هر هر ، وجد ۾ تُنهنجو نالو هو.

لَتاڙين روز فتوائون، رندن جا پير مُفتيءَ جون،
علم جي مئہ هُئي جن وٽ ، عمل جو مَٽ _ پيالو هو.

جُدائي ۾ سندم جيون ، تَتل رڻ پٽ هجي ڪوئي،
اوهان جي گڏ هُيئو مون سان، جُهڙالو ئي جهڙالو هو.

جڏهن ڪان عشق ارڏائي ، ڪري سوري سجائي هُئي،
ڏنو پوءِ جڳ سڄي ”منصور“ ، تُنهنجو ئي حوالو هو.



روز آهن ڪات آڏا سنڌ لئہ،
چو نہ اٿڪايون مهاڏا سنڌ لئہ.

چَپ پنهنجا سانت چو سِبندي پيا؟
سَڏ ٻٽيا ڪي پڙاڏا سنڌ لئہ.

ويڙهہ وڙهندي موت لائي ويا ڳلي،
پنهنجا بابا پنهنجا ڏاڏا سنڌ لئہ.

وقت ناهي ويهي وارن تي لِڪئون،
آءُ ڳايون هاڻ لاڏا سنڌ لئہ.

قوم کي ٿونا هڻن ٿا جي ميان!
سي بہ پاليل، پنهنجا پاڏا سنڌ لئہ.

ڳول کي ”منصور“، ماڻهو معتبر،
گند جا ڳُهرجن نہ ڳاڏا سنڌ لئہ.

جڏهن هنڙي محبت ئي، جرمِ ميهار ٿي پئي آ،
تڏهن هِن دور جي سهڻي، گهڙي تي بار ٿي پئي آ.

الئہ چو ذرد ٿيندو ٿو وڃي، هر ذهن جو دامن!
هتي هر سوچ ۾ نفرت ٻہ، تارون تار ٿي پئي آ.

نہ ڪو روئنڌڙ ڪلايو سون، نہ ڪنهن جي ڪم ٻہ آيا سون،
حياتي چو پلا پنهنجي، سَڄي بيڪار ٿي پئي آ.

سُرن جا ڳاٽ ٿيا اوچا، جڏهن ”سُهراب“ جهونگاريو،
مليو جو سوز سازن کي، ڪلا شاهڪار ٿي پئي آ.

تتل صحرا وڇوڙي جو، لتاڙي جئين ڪتايوسين،
اچانڪ دل جي آڳر تي، عجب ٿڏڪار ٿي پئي آ.

زماني جي ستم آڏو اسان تاڻي جڏهن ڇاتي،
اُپي ”منصور“ دوکي جي ڊگهي ديوار ٿي پئي آ.



پلايون ٿيون ٻڻجن، ڳچيءَ مَنجهہ ڳارا،
ٻڌيا لوڪ جا يار لهجا ڪسارا.

دلين جي ندين مان بہ اُڏري ٿي واري،
ابابيل اکڙين جا آهن اُجارا.

ٿي حاوي وئي، نينهن تي آهي نفرت،
هٽي پئي هنبوڇيون، وڄائي نغارا.

اسان جو تہ مقصد پرينءَ وٽ پڄڻ آ،
ڏکيا پَل ڪري ڏيهہ چاهت جا چارا.

جڏو جيءُ ڪنهن جو ٻڻائج نہ شاعر!
زماني کي جذبا ڏئي وڃ سگهارا.

مان ”منصور“ منهنجو سمنڊ آهي سينو،
سمنڊن جا ڳولي نہ سگهبا ڪنارا.

سوچ، اڪڙين جا موتي ٿي رولين چري،
ڳوٺ تنهنجي ۾ واپس بہ ايندس وري.

هاڻ ڳوڙهن جون ڳالهيون وساري بہ ڇڏ،
پنهنجي مک تي سجاءِ مرڪ جي ڪا ذري.

پنهنجي مرضيءَ سان توکان اجازت وٺي،
تنهنجو فطرت تراشيو بدن مرمري.

منهنجي سوچن جا انگڙا بہ مهڪي پيا،
ياد تنهنجي جڏهن آهہ ڪولي دري.

ڪاش پرديس ۾ مون کان وسري وڃين،
پر، اها ٿي لڳي ڳالهہ ڏاڍي ڳري.

اُڃ رڃ آ سفر ڪا ڪڪر- ڇانو ڪر،
نہ تہ پياسو هي "منصور" ويندو مري.



بي پاونا رهيا سون،
غم آشنا رهيا سون.

معراج جنهن نہ ماڻيو،
سا، ساڏنا رهيا سون

ڪڪريون اکين وسايون،
ٿمندڙ ڇنا رهيا سون.

پنهنجي وجود کان گم،
تو ۾ فنا رهيا سون.

پوري ڪڏهن نہ ٿي جا،
سا ڪامنا رهيا سون.

ساڙيو نہ تو، سنڀاليو!
ڪورا پنا رهيا سون.

هرڪو ٿو حق جتائي،
وچ جا ٻنا رهيا سون.

ٿوڙي سگهيو نہ ڪوئي،
اهڙي انا رهيا سون.

ڇا لئہ خدا جي هوندي،
ري دامنا رهيا سون؟

اڙي حُسن ڏاڍو هنرباز آهين!
ڪڏهن سوز آهين ڪڏهن ساز آهين،

اسان ڳُجھ تُنهنجو نہ ڄاتو نہ ڄاتو،
اسان لئہ سدائين رهيو راز آهين.

عجب نقش تنهنجا چٽيا هن مصور،
تون فطرت جي محنت جو انداز آهين.

جهتين ٿو دلين جا هي معصوم پنڇي،
ٻڌيو ٻيوسن لاءِ ڪو باز آهين.

ڏنم جابجا يار تنهنجو ئي جلوو،
تون "منصور" جي منَ جو آواز آهين.



نيڻ مُنهنجا تَرَ ڏسي رُڪجي ويا،
دوست آيا جَرُ ڏسي رُڪجي ويا.

درد جا اشعار ايندي ذهن ۾،
هانءَ جي ڀُڏتر ڏسي رُڪجي ويا.

چَپَ مُنهنجا هُنَ جي پنبڙين ڏي وڌيا،
پوپٽن جا پَرَ ڏسي رُڪجي ويا.

مُنهنجي نظرن جا مُسافر قافلا،
سونهن جا منظر ڏسي رُڪجي ويا.

چور آيا ها ڪرڻ چوري مگر،
منهنجو خالي گهرُ ڏسي رُڪجي ويا.

انقلابين جا هُيا جذبا جوانَ،
بي سُرا رهبر ڏسي رُڪجي ويا.

عشق کي جِن پوڳ ٿي ڄاتو سدا،
معتبر جهنگ جهر ڏسي رڪجي ويا.

هُو هليا ها ديس لئہ "منصور" ٿيڻ،
راهہ ۾ ڪجهہ زر ڏسي رُڪجي ويا.

ريشم جي راه ناهيان، وينجهار ٿي پوان مان،
دُشمن جي سازشن لئہ، ديوار ٿي پوان مان.

موهن دڙي مان چو ٿو، منهنجا مثال ميڙي،
تهذيب جي شڪل ۾ ، نروار ٿي پوان مان.

مون لاءِ حرفتن جا، ويئو صليب جوڙي،
هُن جي شرارتن سان، شهڪار ٿي پوان مان.

منهنجي سڃاڻ مون کان، ڌاريو ڪٿي ڪسيندو،
غفلت جي ننڊ مان جي، بيدار ٿي پوان مان.

هوشو، سچل، عنايت منصور ساڻ گَرجان،
ڏاهر جي نينڊ سمجهي، للڪار ٿي پوان مان.



سونهن جو سلطان ٿي آهي پُڄو،
جڻ مَلَڪ انسان ٿي آهي پڄو.

وقت جي رفتارَ هل ڪجهه هورڙي
يار اڄ مهمان ٿي آهي پُڄو.

ڏات آندا پريم جا آهن خيال،
لفظ هر وجدان ٿي آهي پُڄو.

حُسن جو جلوو نہ ٿيو هُن کان سَٺو،
عشق جو بي جان ٿي آهي پُڄو.

عابده ٿي راڳ آلاپي وري،
درد پيي طوفان ٿي آهي پڄو.

ڌيان ۾ ”منصور“ تنهنجو فلسفو،
ڪو الستي گيان ٿي آهي پُڄو.

کو جي ڳيرو پيار ڏي پيرَ وڌائيندو.
ڳوٺ سمورو تَنهن لئهِ کات نپائيندو.

جهڙو چاهُه کيو هو پاڻ ڀنهي جانان!
اهڙو پيو هت کير نه کنهن کي چاهيندو.

هر کو آهي راز جو راڻو دنيا ۾،
کير چو کنهنکي زور جي ميندي لائيندو.

شاعر وانگي تڙپي سُڌکي رات سڄي،
کير ستن ۾ دردن کي ائين لاهيندو.

کنهن جا نيڻ به ساڻس گڏ برسي پوندا،
يادن جا، جي بادل مينهن وسائيندو.

تنهنجي چهري جون آهن هيراک اکيون،
هاڻ انهن کي چنب کٿي پرپائيندو.

تڙپي ٿي "منصور" سدا جا سيني ۾،
نيٺ وڃي سا دار سان دل ڀلائيندو.



حوصلا ڏي کي سگهارا کا گهڙي،
وار هاڻي منهنجا وارا کا گهڙي.

مان پرينءَ جي پار ڏي اڏري وڃان،
پَر ته مونکي ڏي خدارا کا گهڙي.

اُس جهڙي انتظاري آ کڻن،
چانورا ٿين وار کارا کا گهڙي.

سونهن جي وهندڙ ندي ساموهون هجي،
نيڻ تُڙڳن شل اجارا کا گهڙي.

کي چمين جي ديس جا پنورا رڳو،
واس ونندا هن ويچارا کا گهڙي.

ائين رستو مئکشي ڀُلجي نه ها،
يار ٿين ها جي سهارا کا گهڙي.

عشق ۾ وهلور کيڏو ٿو وڃان،
کر ته پورا دل جا آرا کا گهڙي.

يار کي "منصور" پاکُر ۾ پري،
کڍ نه ٻانهُن جا تون ڳارا کا گهڙي.

هي دنيا پيار جو اُهڃاڻ آهي،
جا تُنهنجي سونهن جي واکاڻ آهي.

محبت ۾ مصيبت گڏ هلن ٿيون،
سلهاڙيل قرب سان ڪارڻ آهي.

اسان جي هر گهڙي آلين اکين ۾،
اوهان وٽ مُرڪ جو مهراڻ آهي.

مَڃون تَنهن کي پيلا ڏَس ڪئن رهبر؟
اهو جو عشق کان اڻڄاڻ آهي.

اسان پيڙا کي چوڙيو ۾ هنڊايو،
اسان ڪئي پيڙ ئي پهراڻ آهي.

جڏهن منصور آ مرٽو سپن کي،
تہ پوءِ ڏرتي مٿاهون ماڻ آهي.



رب پاڪ توکي لائقِ تحسين آ بڻايو،
تُنهنجي ئي حُسن مون کي بي دين آ بڻايو.

هي عشق آ سمندر، يا باهِ جي بٺي کا،
هِن عشق کي پيلا ڪنهن سنگين آ بڻايو.

فطرت جي منظرن ۾ پنهنجون اکيون وڇايم،
مون سونهن کي ئي دل جي تسڪين آ بڻايو.

سرمائدار ذهنن جي چال آهي ساري،
قسمت هتي نہ ڪنهن کي مسڪين آ بڻايو.

منصور هو مسافر ٿهڪن جي پيچرن جو،
تنهن کي هتي پيلا ڪنهن غمگين آ بڻايو؟

درد جا منظر بہ ڏسجن ٿا گھٽا،
حاذقن جا گھر بہ ڏسجن ٿا گھٽا.

ڪو بہ ڪنھن جي سور کي سمجھي نہ ٿو،
دل گھُريا دلبر بہ ڏسجن ٿا گھٽا.

تون نہ پُلجان، آدميءَ جي رُوپ ۾،
اي مٺا! اجگر بہ ڏسجن ٿا گھٽا.

دل تہ آ شيشي جيان نازڪ سندم!
شھر ۾ پٿر بہ ڏسجن ٿا گھٽا.

پار مان ڪھڙا ڪري ڪيان،
بيحَسيءَ جا ٻر بہ ڏسجن ٿا گھٽا.

ديس جون آليون اکيون ساڳيون رھيون،
راھ ۾ رھبر بہ ڏسجن ٿا گھٽا.

ساڻ مون سان رات ھيءَ تنھا نہ آ،
ياد جا لشڪر بہ ڏسجن ٿا گھٽا.

تُنھنجي سِڪَ جا من اندر منصور جي،
يار کي ڏمچر بہ ڏسجن ٿا گھٽا.



رابيل جي ڪلين تي تيزاب چو ٿو ھارين،
ڌرتيءَ جي دادلين تي تيزاب چو ٿو ھارين.

چھرا چڪي ڏندن سان ۽ روح ڪري زخمي،
محبوب منچلين تي تيزاب چو ٿو ھارين.

ٻَڪندڙ کي باھ جھڙا، پيلي شباب ڪانئرا!
سج جي سھيلين تي تيزاب چو ٿو ھارين.

اسڪول ڏانھن ايندڙ ڪونجِن قطار جھڙين،
انگور جي ولين تي تيزاب چو ٿو ھارين.

وحشي وجيو اُجاڙين، گلشن گلن رنگن جا!
باغن جي بُلبلين تي تيزاب چو ٿو ھارين.

ڳوٺن جي سونھن ساڙي پرجن جا جھنگ ٿاھين
لوڙھن لڪن ڪنڌين تي تيزاب چو ٿو ھارين.

تھذيب جي ڪشادي! چاتيءَ تي رکي گوڏا،
سنڌ جي ائين صدين تي تيزاب چو ٿو ھارين.

ڌارين جي لوڌ ڪاھي آڌو اچي ويھاري،
منصور جي اکين تي تيزاب چو ٿو ھارين.

عڪس آهيان ٻن چپن جي چاهه جو،
مون کي ڪو پَتو نہ سمجهي راهه جو.

درد منهنجا انڌلتي احرام ۾،
رنگ تِن تي آ چڙهيل ويساهه جو.

آ نہ واقف عاشقيءَ جي انت ڪان،
دين کهڙو ۽ ڌرم گُمراهه جو.

مون پتنگي جيئن جلي تولئہ پرين
لُطف پاتو عشق جي آڙاهه جو!

ٿي حياتيءَ ۾ اسان تي چانورو،
ڀروسو ڪونهي ڪو ڪڄندڙ ساهه جو

هِن ڪنڌي منصور ٿو تو لئہ لُڇي،
تون ڪنارو، پيو ٻڏينءَ درياهه جو.



هر رات جهنجهوڙيو تنهائيءَ، ۽ سانت سڙيءَ تڙپايو هو،
بيچين بهارُن روز اچي، چو منهنجو درَ کڙڪايو هو؟

مون ڪينَ پرولي سُلجهائي، هِن جيون جي چو واٽي جي،
هر پاسي پهرو واڳن جو، هر واٽ مون کي ڳڙڪايو هو.

مان چنڊ اُجايل راتين جو، يا ٻَنَ ۾ پٽڪيل جوڳيئڙو،
هڪ وقت هو ڏمريل نانگ جيان ، پيو سورن ساهُہ سُڪايو هو.

مان روز اُگهاڙن پيرن سان، سو وقت تلاشڻ نڪران ٿو،
محبوبن جڏهين مُرڪيو هو ۽ سيني ساڻ لڳايو هو.

هن عشق جا جذبا نيڻن ۾، منصور عقيدت سان اوتيا،
پوءِ دار اڳيان هر درد چُمي، اڄ پنهنجو سيس نوايو هو.

تند ٽتي ڪا بات ڪلا ڪان ڪٽجي وئي،
لابين ۾ ئي لات اسان جي لٽجي وئي.

ڏات اڏارون آڙين جهڙيون، ماٺيون مَس،
باز چنبن ڪان پڙڪو ڏيندي جهٽجي وئي.

عشق ۾ ڪيڏو تيز طبيعت ٿيندو آ،
ماٺ سان ئي من جي هر ڪر مٽجي وئي.

نينهن ڪٽي ڪي تجليون آيو نور سنديون،
روح_جڳت مان گھُگھ اونداهي گهٽجي وئي.

تو جو ان الحق پڪاريو آ منصور،
وڻ ٽڻ وائي گونجارن ۾ رٽجي وئي.



ٻَل باهہ سندا دريا اُڪري،
دل محبوبن ڪان ڏار نہ ٿئي.

ڪا سار سمنڊ جي واري آ،
ٿي منهنجي نيڻن مان اڏري.

آ عشق جنوني پيڙيءَ تي،
ٿو موجن سان هر هر الجهي.

سو وکر وجي ٿئي پارس ٿو،
جو هُن جي نيڻن مان گذري.

منَ! دلبر جو ديدار ڪري،
ٿو سِڪ جا ساگر پار ڪري.

هوءَ لِڪَ ۾ مُرڪون آڇي پئي،
ٿي لوڪ جي سيني آڳ لڳي.

پيو ان کي آخر چا گهرجي،
جي محبت ۾ منصور مري.

ايترو سنگدل ٿيڻ، ڪنهن ڪان سکيو آهين پرين!
مون بنا جڳ ۾ جيئڻ، ڪنهن ڪان سکيو آهين پرين!

پيار پنهنجي جي آ منزل، چنڊ ڪان پيي اڳيري،
ائين پلا اڌ ۾ بيهڻ، ڪنهن ڪان سکيو آهين پرين!

اڳ جي مان روئندو هُيس،لُڇندو هُئين تون رات پر!
سور پوءِ هاٽي ڏيڻ، ڪنهن ڪان سکيو آهين پرين!

تات جا لمحا ختم ڪر، آ هلي تون روبرو،
حق محبت جا ڳيهڻ ، ڪنهن ڪان سکيو آهين پرين!

بي رُخيءَ مان چو ڏسين هرهر پيو منصور کي،
پنهنجي عاشق کي ڪُهڻ، ڪنهن ڪان سکيو آهين پرين!



شام ٿي مون وٽ قضائن رقص ڪيو،
تُنهنجي گهر تُنهنجِن ادائن رقص ڪيو.

زلف ڪارا ائين اُڏيا ها واءُ ۾،
بي خوديءَ ۾ چڻ بلائن رقص ڪيو.

تون اسان جي ڳوٺ مان گذرينءَ جڏهن،
مُدتن ڪان پوءِ هوائن رقص ڪيو.

عشق ڪئي جو خودڪشي بازار ۾،
شهر ساري جي جفائن رقص ڪيو.

جيستائين هئي، امڙ منهنجي حيات،
مون مٿان شفقت جي ڇائن رقص ڪيو.

اڄ بہ چو مسڪين جي گهر ۾ پلا،
اي خدا! بُک جي عطائن رقص ڪيو.

ڪنهن لُٽيا پئي سِر هتي باغين سندا،
ڪنهن جي ٻچڙن جي صدائن رقص ڪيو!

جنهن گهڙي منصور پوليو سچ هيو،
ڪيترو سرڪش سزائن رقص ڪيو.

ملي توسانڻ، تنهنجي هر ادا تي پروسو آيو،
دنيا ۾ حُسن جي فطري بقا تي پروسو آيو.

پَسيا مون سونهن تنهنجي ۾، خدائيءَ جا سپئي جوهر،
ڏسي معصوم مُرڪن جي، عطا تي پروسو آيو.

جڏهن ڪان تنهنجي صورت سان ، اکين ميلاپ ماڻيو آ،
تڏهن منَ منهنجي ڪافر کي، خدا تي پروسو آيو.

تون روڪيو ٿي چڏين، ڪي راهه ويندڙ راچ جا راڻا،
ڦهر جهڙي انهيءَ تنهنجي ڪلا تي پروسو آيو.

خدا يا! تو جي پوکيا هن، زمين تي پيار جا پوٽا،
محبت جي فقيرن کي، سخا تي پروسو آيو.

اڱڻ منصور جي محبوب، ايندو چنڊ جان اپري،
ائين ئي هِن نماڻي کي، صدا تي پروسو آيو.



مُعطر سپ ڪري منظر،
ڏسين پئي آرسي هر هر.

چُنيءَ ۾ مُنهن لڪائي چو،
وجهين ٿي چنڊ تي چادر؟

جهڪو رک پنهنجي جلون کي،
نہ ڪر برپا ائين محشر.

اچل ٿئي آبشارن جئن،
رکيئي اکڙيون سدائين تر.

ڏنو آ تنهنجي نيڻن ۾،
اسان کو مئکدو اکثر.

رکيم زم زم اکين تي جئن،
ائين ئي سونهن اجرو جر.

پرينءَ جي پار رَسڻو هو،
ٿيا سون عشق ۾ بي گهر.

ڏسي ”منصور“ کي ايندي،
الئہ چو پيڪڙيائين در.

دل ٽُٽي پئي، ساھ کي ڇيھو رسيو،
تو ڇڏيو ويساھ کي ڇيھو رسيو.

رنج وارو تو وتو جي پيچرو،
پيار واري راھ کي ڇيھو رسيو.

مون ڏنو محبوب جي منهن ۾ جڏهن،
چنڊ! تُوسان چاھ کي ڇيھو رسيو.

هر وکر پئي، پئي پراڻو ٿي ويو،
پر نہ منهنجي ”شاھ“ کي ڇيھو رسيو.

ڀات ۾ ٿي لات آيو آ پرين،
عمر جي اونداھ کي ڇيھو رسيو.

هُن ڏنو ”منصور“ کي مُرڪي جڏهن،
درد جي درياھ کي ڇيھو رسيو.



ڪنهن جي دل ۾ ڌڙڪڻ چاهيو يار اسان،
سڪ جو سج ٿي اڀرڻ چاهيو يار اسان.

چنڊ نُما ڪنهن ڇهري ساڻ ستارو ٿي،
جُهمڪڻ وانگي جرڪڻ چاهيو يار اسان.

هن جي ساھ هڳائن سان گڏ شام صبح،
پوپٽ بڻجي اڏرڻ چاهيو يار اسان.

ريشم رئو ٿي پاڻ پرينءَ جي ڇهري تي،
مست هوا ۾ ڦڙڪڻ چاهيو يار اسان.

ڇوتا ڇيلهہ سندءِ کي چنبڙيا چاھ منجهان،
انت انهن سان الجهڻ چاهيو يار اسان.

روح اسان ۾ منصوريءَ ٿو رقص ڪري،
دار مٿي ڀي مُرڪڻ چاهيو يار اسان.

تو پڄاڻا شاعري آ سوڳ ۾،
زندگي جي هر گهڙي آ سوڳ ۾.

تو سوا سينگار اٽيا ٿيا سيپئي،
۽ اکين جي آرسي آ سوڳ ۾.

روز جهاڳيان حالتن جو سمنڊ ٿو،
روز منهنجي تشنگي آ سوڳ ۾.

مئڪدي کان آ رُٺو ساقي جڏهن،
هي تڏهن کان مئڪشي آ سوڳ ۾.

سونهن سمجهي نينڊ ناهي نينهن جي،
قرب ڌاران عاشقي آ سوڳ ۾.

ريءَ جُتي کنهن پار کي پنندو ڏسي،
ساري اڄ هي ڌرتتي آ سوڳ ۾.

ديس جا ڳڀرو ڪُسن ٿا جنهن اندر،
عمر کان اوچي صدي آ سوڳ ۾.

ڀاڳ کي منصور اونداهو ڏسي،
روشني اميد جي آ سوڳ ۾.



سُونهن کي ڳڙکيون نقابن جون ڏنئي،
عشق کي راتيون عذابن جون ڏنئي.

اي خُدا! هِت حُسن وارن کي ڀلا،
ڇو اکيون ايڏيون عقابن جون ڏنئي.

روپ کي کنهن راز جون اوتون ڏئي،
چاهه کي چميون حجابن جون ڏنئي.

ڏينهن توکي ئي ڏسڻ جا پيو ڳٽيان،
عادتون اهڙيون حسابن جون ڏنئي.

نينهن ۾ نوريءَ سندي نوڙت رکي،
ساعتون مون کي خوابن جون ڏنئي.

وار جو چوڙيئي هوا ۾ سانوري!
بوتلون رُت کي شرابن جون ڏنئي.

موکلن ۾ گهر وڃي پڙهندس متي!
سوکڙيون جيکي ڪتابن جون ڏنئي.

مُرڪ جا ڪرڻا چتي ”منصور“ تي،
روح کي سُرڪيون ثوابن جون ڏنئي.

حاضريون حق جون پرڻ بهتر اٿئي،
سونهن ۾ سچ لئہ مرڻ بهتر اٿئي.

چنڊ جون ٿيون زيارتون ڪافي مٺا!
هاڻ ڌرتيءَ تي ورڻ بهتر اٿئي.

ننڊَ نيڻن جي مٿان ڪسجي وڃئي،
عشق ڪان پاسو ڪرڻ بهتر اٿئي.

ڇو ايئن بيٺل ڏُہن ۾ پيو ٻڏين؟
تيز تِک مان ئي ترڻ بهتر اٿئي.

شيرَ تُنهنجو شانَ ناهي هي مجيم!
پر ڪڏهن ”ڊِپَ ۾ چرڻ“ بهتر اٿئي.

دار تي ”منصور“ جا للڪار ڪئي،
ڏيان ڪجھہ تنهن تي ڏرڻ بهتر اٿئي.



فرشتن سندو رب ڏنو ڪو اثر ٿئي،
ڪنيو سونهن جو ساڻ ڪيڏو ثمر ٿئي.

اصل ۾ اکين منجھہ آهين ازل ڪان،
الائي وجي ڪِٿ اڙائي نظر ٿئي.

پرين نينهن ۾ ناهي ٿيندي پيائي!
تمر ئي پتائي، پتائي تمر ٿئي.

حياتيءَ کي آسان ايڏو نہ ڀانئج!
اهو ڪوهہ جهڙو ڏکيو ڪو سفر ٿئي.

ائين ڪاش سهٽي کي ڪوئي چوي ها،
اها عشق جي سير، اونهو پنور ٿئي.

دعائن جا سيئي لمحا، طوافِ يار ۾ آهن،
عبادت ۾ ڪيل سجدا، پرينءَ جي پيار ۾ آهن.

جلايو عشق منهنجي ڪي، سدا تُهمت جي طوفانن،
بهارن جي بهاريءَ تي، خزائون خار ۾ آهن.

چون ٿا چنڊ تي ماڻهن، وڃي دنيا وسائي آ،
زمين تي سونهن جا ماريا، رهيا آزار ۾ آهن.

پِلا ڪو سونهن جو سائين، اچي تو بزم ۾ چا اچ،
اجايل نيڻ هر ڪنهن جا، تنگيل ديدار ۾ آهن.

ڪري سوريءَ تي سلطاني، وڏي اڳ ڪان ٻه اڳتي ٿو،
رڳو ”منصور“ ئي چاڙهي، مزا جي دار ۾ آهن.



عشق پيلي گهڙي جيئن ڳري ٿو پيو،
تات تُنهنجيءَ ۾ پوءِ پيي تري ٿو پيو.

يار تنهنجو تصوّر ذهن جي مٿان،
پرت ڪيڏا انوکا پري ٿو پيو.

تن اگهاڙو ولر نيڙي ڀارن جو ڏس،
سوچ منهنجي ۾ رانديون ڪري ٿو پيو.

سوڳوارين سندو قافلو اي خدا!
ڏيان مونڏي چو هر هر ڏري ٿو پيو.

تي ڏنا خواب اهڙا عجب ڪنهن ڪوي،
ڏاڍِ ڪان جن ۾ ڏاڍو ڏري ٿو پيو.

انت ويجهو ڏسي پوءِ ٻه وک وک ڪٽي،
جوت جرڪي ۽ ڏيئو ٻري ٿو پيو.

باهه اڳ ئي بغاوت جي ڀڙڪيل هئي،
مون ۾ ”منصور“ ويتر وري ٿو پيو.

حُسن جهڙو جليل ڪونهي پيو،
عشق جهڙو عليل ڪونهي پيو.

منهنجي من جو جميل آهين مٺا،
تو مقابل جميل ڪونهي پيو.

خواب وانگي ڇمار گُذري وئي،
وقت اهڙو قليل ڪو نهي پيو،

زخم درٻار ۾ سندس آندم،
ڇو تہ مون وٽ وڪيل ڪونهي پيو.

ٻانگ ڪان بس نماز تائين ختم،
سفر جيون طويل ڪونهي پيو.

سنڌ خاطر نٿو لُڇي جيڪو،
شخص اهڙو ذليل ڪونهي پيو.

خون منهنجو تہ درد ڏوگهي ويا،
شهر ۾ جو سبيل ڪونهي پيو.

جيڪي ”منصور“ ڪي سڏن مُنڪر،
تن ڪان وڌ ڪو بخيل ڪونهي پيو.



آهين ٻاندي نہ ڪنهن سڪندر جو،
اور احوال پنهنجي اندر جو.

آهي جهُڪڻو الله جي آڏو،
وار سجدو نہ غير جي در جو.

پيا گُنهگار ڪوٽجن حاجي،
فيصلو هي ڏسو مُقدر جو.

ها مڃان ٿو اتم تنهنجي مسجد!
مانُ رکڻو آ پوءِ بہ مندر جو.

جو لکيو ٿم سو سچ ئي هوندو،
هي نہ سمجهو خطاب صدر جو.

سور ”منصور“ ڪي ڇا جهُوريندا!
هُو ٿو سينو رکي سمندر جو.

بغاوت سندا گيت ڳايا اسان،
اُهي ساز ساڳيا وڄايا اسان.

ڪري پير پَهٽن چڙيا هن پٿون،
مگر ڪينَ پوئتي هٽايا اسان.

سمنڊ پيي اسان جي گواهي ڏني،
تہ هي نيڻ تولڪ وسايا اسان.

قلم ئي تہ آهي ڪُهاڙي تکي،
قلم سان دشمن کي گهايا اسان.

اڙي موت ڪر هاڻ پاسو پڇي،
مرڻ جا ڪيا ڪونہ سعيا اسان.

اجان عشق جي آڳ ساڳي لڳل،
اُلا دل جا ناهن وسايا اسان.

زمانو تڏهن ئي ٿو ”منصور“ چئي،
ان الحق جا نعره لڳايا اسان.



ڪر ڪٽي هاڻ اظهار جوڳيئڙا،
ڪنهن جو پاليو وتين پيار جوڳيئڙا.

رمز کهڙي ۾ رمتو بٽيو ٿو وتين،
اور اندر جو اسرار جوڳيئڙا.

تنهنجي نيڻن جا بادل چو برسي پيا،
چنگ چوريو جو پڪرار جوڳيئڙا.

پيار جي رهگذر تي سدا مون ڏٺي،
بي رُخين جي ڪا بازار جوڳيئڙا.

تون جي محبت جون مرليون وڄائين پيو،
تڙپ ٿيندي وڃي تار جوڳيئڙا.

من جي پاتار ۾ جيڪو سانديو اٿئي،
ڪنهن ڏنو ٿئي سو آزار جوڳيئڙا.

عشق وارن جو سالن صدين کان وني،
درد ئي آهي دلدار جوڳيئڙا.

هر زماني آ ”منصور“ جي ماڻَ ۾،
ڪو سجائي رکيو دار جوڳيئڙا.

عشق ۾ ڪائي ڪمي رهجي وئي،
منهنجي نيڻن ۾ نمي رهجي وئي.

مون تہ گيتن ۾ پريا شعلا مگر،
برف جذبن تي ڄمي رهجي وئي.

منهنجي دل چوري ٿيل ملندي ڪڏهن!
سونهن وٽ جيڪا ٿمي رهجي وئي.

زندگي آ تاش جي جوڪر جيئن،
ڪا اسان ۾ جڻ رمي رهجي وي.

مينهن وانگي وئي رُسي تر ڪان خوشي،
ءِ پِٽُن ۾ بس غمي رهجي وئي.

ڳوٺ ۾ پالڪ پيو بيمار هو،
تڙپندي هن جي امي رهجي وئي.



جيئن لمحا، رات ڏي وڌندا رهيا،
لفظ منهنجي ذات ڏي وڌندا رهيا.

قافلا هر هر اوجاڳن جا سندم،
ڪنهن پريءَ جي تات ڏي وڌندا رهيا،

حُسن پهتو باز بٹجی عشق تی،
ساهہ پيا سڪرات ڏي وڌندا رهيا.

رات ڪنهنجی ڏيءَ جو نڪتی گهران،
ماءُ پيءُ فڪرات ڏي وڌندا رهيا،

ڏس ٻُڪيا هو پارڙا مسڪين جا،
ڳوٺ ۾ خيرات ڏي وڌندا رهيا.

جن نہ چاتو هت "الف" انسان جو،
سي خدا جي ذات ڏي وڌندا رهيا.

مَس اڏيءَ تان رت سُڪو باغين سندو،
ڪنڌ پيا پي ڪات ڏي وڌندا رهيا.

اجتماعی درد جا لاشا کٹی،
حوصلا پرپات ڏي وڌندا رهيا.

عشق ۾ عاشق ٿَڪا ناهن ڪڏهن،
هر ڏُکي حالات ڏي وڌندا رهيا.

مون ڏٺا "منصور" پنهنجي دور جا،
دار جي سوغات ڏي وڌندا رهيا.

اسان ڪيڏا اُجايل هون، اسان کي سمجھ او جانان،
تتل صحرا جا تايل هون، اسان کي سمجھ او جانان.

صدين کان رقص جاري آ، وڃي ٿو روح گھُنگھروءَ جيئن،
سنڌءِ پيرن جي پايل هون، اسان کي سمجھ او جانان.

ڪنوارو گيت ڪو آهيون سکي هن سنڌ سهٽيءَ جو،
اڃان ڪنهن جا نہ ڳايل هون، اسان کي سمجھ او جانان.

ڦٽيل بندوق جا ناهيون پئي ٿي ڪير تون آڇين،
اوهان جا ئي تہ گھايل هون، اسان کي سمجھ او جانان.

پُڇون ڪنهن کان پتو پنهنجو وڃون ڏَس پار ڪهڙي ڏي!
اسين تو ۾ وڃايل هون، اسان کي سمجھ او جانان.

پرھ جي پنڌ جا پانڌي سنڌءِ ديدار جا عادي،
اوهان جي در تي آيل هون، اسان کي سمجھ او جانان.

ڪلا پيچل سندي آٽي سخا ڪنهن ڏياچ کان ورتم،
سنگيتن ۾ سمايل هون، اسان کي سمجھ او جانان.

جگر ”منصور“ جو ڏاري ان الحق جا هٽي نعرا،
اسين سوريءَ سجايل هون، اسان کي سمجھ او جانان.



رڳو رئيس تَر جو ئي ڊايل سُتل آ،
سڄي قوم باقي ٻُڪايل سُتل آ.

امڙ ڏي نہ لولي مٺي ننڊ جي تون،
مقدر جي ديوي او آيل! سُتل آ.

موئن جي دڙي ماٺ اوڍي چپن تي،
سمبارا جي پيرن جي پايل سُتل آ.

هي پوري ڳلن جو، اسانجي ذهن ۾،
ڪو عاشق ازل کان سڪايل سُتل آ.

اسان واٺ ورتي لطيفي سُرن جي،
اسان ۾ ”تمر“ ڪوئي تايل سُتل آ.

مران جي تہ منهنجي قبر تي بہ لکجو،
لحد ۾ ڪو نيٽن جو گھايل سُتل آ.

اي واعظ نہ ڪر تون وڏي وات واڪا!
ڪو ”منصور“ سوليءَ ستايل سُتل آ.

نوحن جا چو روپ مليا هن نغمن کي،
ڪارا چڻ ڪي نانگ ڪکي ويا گيتن کي.

روز اُڏن ٿا گهاءُ هوا ۾ لغڙن جيئن،
روز لڳن ٿا بم ۽ گولا ٽهڪن کي.

روح سندي تسڪين ڪي ماڻڻ جي خاطر،
آيو آهيان توڏي ڪاهي قدمن کي.

سونهن ڏسڻ سان ذات اچيو ٿي هٿ جهلي،
خود ئي سُهڻي راهه ملي ٿي لفظن کي.

جهُومي ڳائي روز اچن ٿا چاچين جيئن،
منهنجو ئي بس گهر مليو آ صدمن کي.

سنڌ سندي اڄ وحدت لئہ ڪا جنگ لڙون،
غيرت سان گرمائي پنهنجن جذبن کي.

رات سموري روئي ٿو فرياد ڪرين،
ڪير پڌي ٿو پاڳل تنهنجن سُڏڪن کي!

تو اُڇليا ها منهنجي مارڻ لاءِ پرين!
چاهه منجهان ”منصور“ چميو تن پٿرن کي.



دل يار گهٽن اهنجن چڪرن ۾ وڃي ڦاٿي،
چڻ ذات ڪويءَ جي ڪا اڪرن ۾ وڃي ڦاٿي.

محبوب جي وارن جي وڪڙن ۾ ذهن وچڙيو،
۽ ديد انهن ڪارن ڪڪرن ۾ وڃي ڦاٿي.

ڪا ڪونج هئي هڪڙي پوڙهي سان پرڻجي وئي،
سا قيد ڪڙولن ۽ پڃرن ۾ وڃي ڦاٿي.

ڌرتيءَ جي ڏٽين ڪي پي هيءُ وقت ڏنگي ٿو پيو،
ڌرتي بہ سموري آ، ڪکرن ۾ وڃي ڦاٿي.

معراج محبت جو ”منصور“ ڪيئن ماڻي؟
آ سوچ سندي پيڙي، ڪپرن ۾ وچ ڦاٿي.

ناهي تُنهنجي خبر ڪٿي آهين!
اي سندم معتبر ڪٿي آهين!

ناوَ منجهڌار ۾ ٻُڏي پيئي،
ناخدا! بيخبر ڪٿي آهين!

پونءِ ور چڙهي جهالت جي،
قوم جا راهبر ڪٿي آهين!

چنڊ تي آ پُڄگي وڃي دنيا،
سوچ ڪر تون مگر ڪٿي آهين!

تون ته ناياب آن خدا وانگي!
ڳوليم جهنگ جهر ڪٿي آهين!

ڪول هاٽي تون ڪيپ اڪڙين جا،
سونهن واري سحر ڪٿي آهين!

آءُ مون ڪي عذاب ڏي پيهر،
ڪر ڪو برپا قهر ڪٿي آهين!

چاڙهه "منصور" ڪي سڏي سوليءَ،
وٺ ڏُکي هيءَ اجر ڪٿي آهين!



ٿيون قتل ڪن روز جي ڪنهنجون اکيون،
ڪيس چئو قابو رکي، پنهنجون اکيون.

سلطنت عيوض وٺي سلطان کو،
ايتريون ناهن پرين، سَهنجون اکيون.

ٿي پون ٿا موت کان وڌ حادثا،
جي وڃن مَتجي اگر ڪنهنجون اکيون،

سنڌ ۾ آهي وڏي جنهن بد نظر،
تيل ۾ ترجن ڪٽي تنهن جون اکيون.

سونهن تي "منصور" پئجي وئي نظر،
مڌ جي چڙ حوض ۾ وهنجون اکيون.

موت حيات جي اُلجهن کي، سُلجهاءِ اچي،
عيد ٿئي ڪا ساجن پاڪُر پاءِ اچي.

اوسيئڙي ۾ يار گهڻو ئي تڙپيو هان،
سِڪ منجهان اچ، مونکي سيني لاءِ اچي.

ايذا رنج رُساما، توکي ڪين سُنهَن،
پيار ڪٽي آ پنهنجن کي پرچاءِ اچي.

تُنهنجي ايندي، موسم خوشبو ماٽيندي،
سالن کان مُرجهايل گُل، مهڪاءِ اچي.

مئخاني تي رات لٿي آ تاساري،
ڪن پل ساقي رندن کي، ريجهاءِ اچي.

سارو ئي ”منصور“ جو جيون ”ڪيڏارو“،
آءُ وٽس ڪي ڳيچ خوشين جا ڳاءِ اچي.



موسم خمار ماٽيا، اکڙيون ٿي چنڊ تاريون،
محبت سندا وٿا جي، ڪئين وڏڦڙا وساريون.

هن حُسن بخشي همٿ، فرهاد جيتري ڏس!
هي آسمان جيڏا، ڏونگر پيا ٽا ڏاريون.

منڙا! چڪور وانگي، چنڊ روپ تي مرين ٿو،
ڏاڍو پري پرين آ، ڪنهن ڏي پيا نهاريون.

هٿ سور کان ڇڏايا، خوشين جي لوپ ۾ جو،
ڳوڙها پ ٿي وهايان، مُرڪون هيون اُڏاريون.

پورهيو دوا ۾ پورو، هرجاءِ سوچ ان ۾،
مزدور ٻُک مري ويو، سِر تي ڪٽي تغاريون.

اي عشق! توکي شابس، عادت نه تو متائي،
ساڳيا ئي سونهن سجدا، ساڳيون ئي انتظاريون.

او راهه جا مسافر! تنها وڃين نه پٽڪي،
آ ڏور پنڌ ڏاڍو اچ پيار کي پُڪاريون.

وَڙُ، هي اديب تنهنجو، ناهي ته پوءِ ڇا لئه،
تنهنجو فڪر ڏسان پيو، تنقيد منجهه ڳاريون.

هاڻي گهٽا هليا بس، هوڪا حقارتن جا،
سنڌ سون ٿئي سموري، تهذيب کي سنڀاريون.

هڪ سنڌ پيو سڄڻ تي، سوچان لڪان پيو ٿو،
سمجهي سچو سگهي ٿو، سوچون سندم سگهاريون.

هر دل اندر وسي ٿي، هُيڪار شاعريءَ جي،
منصور يار پوکيون، آهن گُلن جون ٻاريون.



ڏين ٿا نشا نيڻ ڪارا گهٽا،
رهيا پوءِ به ماٺهو اجارا گهٽا.

مٿي مُرڪ تنهنجي نه وسري ڪڏهن!
ڏٺا مون پيا ٻيي نظارا گهٽا.

اڃان چو ڪڪر ٿر تي ناهن وٺا،
لنگهي ويا سيارا اُنهارا گهٽا.

گهٽو مال ميڙيو وڏيرن هتي،
رهيا جيءَ ٻُک تي ويچارا گهٽا.

اندر کي پليتي ٿا پاليو وتن،
مهانڊن ۾ ماڻهو موچارا گهٽا.

منداڻون مندن کي ڪنديون هن غرق،
پلاڻون ڪندا پيا پلارا گهٽا.

جي سمجهن سندو درد پئي جو پيا،
بندا، رب! سي توکي پيارا گهٽا.

نه بي خوف ”منصور“ مانا ٿيا،
جلادن پئي جوڙيا ٿي ڳارا گهٽا.

رات هجر جي ڳوري آ ڪنهن پهڻ جيان،
من ۾ تنهنجي لوري آ ڪنهن پهڻ جيان.

تنهنجي يادن دل جي خالي ڪمري ۾،
جاءِ انوکي جوڙي آ ڪنهن پهڻ جيان.

هڪ جيڏن ۾ گهارين شل خوش باش پرين،
مون تہ حياتي سوري آ ڪنهن پهڻ جيان.

سسئي پنهنجي پنهل خاطر پهڻن ۾،
جان بہ پنهنجي گهُوري آ ڪنهن پهڻ جيان.

سچل ۽ ”منصور“ هجي، سرمد يا تبريز،
ڏاڍ ۾ سيني ڏوري آ ڪنهن پهڻ جيان.



هوُ چنڊ جان هو بهو آهي،
پرين خود روبرو آهي.

رهي ٿو ساهُ ڪان ويجهو،
تڏهن پيي جُستجو آهي.

مُسافر هيڪلو رڻ ۾،
سفر جي آرزو آهي.

رڳو مَن يار جو طالب،
سدائين باوضو آهي.

عجب منصور مستي ۾،
اناالحق ڪوبڪو آهي.

روئي هر رات تارا تڪيندو رهيو،
شخص هڪ چونڪ چارا تڪيندو رهيو.

چنڊ چانڊاڻ سنديءَ تي نہ چمڪيو ڪڏهن،
در ڪُليل، گهر جا سارا تڪيندو رهيو.

پيار ۾ ڪنهن پدمٽي جي، ساري عمر،
ديپ ٻاري پئي جارا تڪيندو رهيو.

هُن جي قسمت ۾ محبوب آهي يا نہ!
روز جوڳين جا ڏارا تڪيندو رهيو.

مٽ ڪيڏو نہ ڏوگهيو پياڪن مگر،
نيڻ پوءِ پيي اجارا! تڪيندو رهيو.

گُل ”منصور“ ڪي ڪنهن نہ آچيا ڪتان،
پُر تہ پٽرن سان ڪارا تڪيندو رهيو.



ياد ڪنهن کي ڪو ڪري ٿو رات پر،
ديپ وانگي پيو پري ٿو رات پر.

جو نہ هو واقف اوچاڳن کان اصل،
روئي سڏڪا سو پري ٿو رات پر.

ڪنهن جا ڪمبل ۾ وتن ويڙهيا ڪُتا،
سيءُ ۾ پيو ڪو مري ٿو رات پر.

گار وانگر هت غريبن جي مٿان،
ويلو ٻُک جو چو وري ٿو رات پر؟

خون چوسي خان مسڪينن سندو،
ڏاڪ ڏيئي هو ڏري ٿو رات پر.

ڪنهن ڪوي پنهنجي ڪويتا کا لکي،
يار تنهن تان پيو ٺري ٿو رات پر .

تنهنجا مهٽا ڏئي تنهنجي ”منصور“ کي،
هاڻ تي ڪو منگ ڏري ٿو رات پر.

درد وارن جي دل پڙهي ڏسجي،
بيقرارن جي دل پڙهي ڏسجي.

مُوهه ڪنهنجي ۾ مست ٿيا آهن،
آبشارن جي دل پڙهي ڏسجي.

راز کي راز ڪيترو رکندا!
رازدارن جي دل پڙهي ڏسجي.

ڪو مسيحا نٿو پُڇي جن وٽ،
بي سهارن جي دل پڙهي ڏسجي.

ڏور پرڏيهه ۾ رهن ٿا جي،
تن ويچارن جي دل پڙهي ڏسجي.

منهن موچارا پيو پڙهي هرڪو،
چو نه ڪارن جي دل پڙهي ڏسجي.

موت راڪاس پيو گهُمي تر ۾،
اڄ سنگهارن جي دل پڙهي ڏسجي.



ٿي پياسين اسان ٻه ماڻهو پر،
ماڻهپي جو مواد ڪاٿي آ.

شهر، ڳليون سڀئي ٻٽيا دهشت،
زندگي جو سواد ڪاٿي آ.

مُلڪ بابت پُڇو جي حڪومت کان،
مُرڪي چوندا فساد ڪاٿي آ!؟

تنهنجي بم سان ته بي گناهه مئا،
اي ملان! هي جهاد ڪاٿي آ!.

هاڻ محبت به ميڊيا ٿي پئي،
عشقِ شيرين فرهاد ڪاٿي آ.

من جُڙي ذهن پون ”منصوري“،
وقت اهڙي ايجاد ڪاٿي آ!

ديس پنهنجي مان ڌاريا ڌڪاري اُٿي،
ٻاٽ ۾ ڪوئي سورج، اُڀاري اُٿي.

ڪنهن جي تقرير نعرا نہ گهُرجن ميان!
سنڌ جي سينڌ کي ڪو سنواري اُٿي.

خونِ ناحق کي ڌرتيءَ تان ڌوئي ڪري،
پونءِ شيشي جئان ڪو اجاري اُٿي.

آهي ماڻهوءَ کي مارڻ تہ سولو مگر،
ڪو مُئل ماڻهپي کي جيئاري اُٿي.

هت تہ منصور هرڪو سڏائي پيو،
ڪوئي سوليءَ کي پل پل پُڪاري اُٿي.



ڪُتل ڪَتيءَ ڪَيس ۾ آهيون،
هر دم گيڙو ويس ۾ آهيون.

پاڻ تہ مست قلندر ماڻهو،
ڏُور ڪتي ڀئي ديس ۾ آهيون.

پَهرن هيٺ چو پَلجون آخر،
ڇا قاسيءَ جي ڪيس ۾ آهيون.

موت پيي هاڻي مات لڳي ٿو،
اهڙي جيون ريس ۾ آهيون.

سنڌ اسان لاءِ اهڙي ٿي جڻ،
پنهنجي گهر پرديس ۾ آهيون

خواب بہ پنهنجا حيرت جهڙا،
ننڊ سُمهي، سڪسيس ۾ آهيون.

معمولي ”منصور“ نہ سمجهو!
رانجهي ۾ ڪنهن قَيس ۾ آهيون.

ساڳي دل جي حالت، ڪان اجان بدلي،
اڪڙين جي پيي عادت، ڪان اجان بدلي.

منهنجي من جي مورت مون لئہ مندر آ،
منهنجي يار عبادت، ڪان اجان بدلي.

نيڻ ڪٽين تي، روشن ٿو سنسار ٿيئي،
تنهنجي سونهن سخاوت، ڪان اجان بدلي.

ڪنهن جي راند ڪروڙن سان، ڪنهنجي لاءِ ٻُڪ،
”واحد“ جي بہ ورهاست، ڪان اجان بدلي.

حد ٿي وئي انسان ڪُهي انسان پيو،
جڳ مان هيءَ جهالت، ڪان اجان بدلي.

اڄ پيي ڪي ”منصور“ چڙهن ٿا سورين تي،
باغين جي بہ بغاوت، ڪان اجان بدلي.



مِٽي آهيان، واري آهيان،
آئون تہ هڪڙو هاري آهيان.

علم عمل ڪان ڏُور سهي پر!
دشمن تي مان ڀاري آهيان.

ڌارين جو مان ڪنڌ ڪَٽڻ لئہ،
ڪوڏر، ڏاتو، آري آهيان.

سونهن کي سجدو عين عبادت،
ڪير چوي انڪاري آهيان.

مرندس پوءِ پيي خوشبو رهندي،
گلڙن جي جو تاري آهيان.

مونکي ٿو ”منصور“ وسارين!
ڇا مان پولي ڏاري آهيان!؟

واڳونءَ جي ڄڻ وات ۾ گهاريو آ جيون،
مون تہ هميشہ مات ۾ گهاريو آ جيون.

جيسين تائين جاڳيا آهن نيڻ پيئي،
تيسين "هُن" جي تات ۾ گهاريو آ جيون.

سونهن سندس مَن سامهون ٿي ها سج جيان،
ڪين ڪڏهن پرڀات ۾ گهاريو آ جيون.

چنڊ جو پيو ٿو چهرو پيو مَڪرُوهہ لڳي،
ڪيڏو ڪاريءَ رات ۾ گهاريو آ جيون.

جنهن پَل ڪان نہ جواني آهي هٿ جهلي!
سِڪ رڳو سڪرات ۾ گهاريو آ جيون.

ڪير ٿو ڪنهن جي درد جو ٿئي درمان ڀلا !؟
هر ڪنهن پنهنجي ذات ۾ گهاريو آ جيون.

جنگ حيات جي جاري آ "منصور" رکي،
ڪهڙي پيي حالات ۾، گهاريو آ جيون.



مونکي ايڏا گهاءُ ڏيڻ مان چا ورندئي،
وڪريل ڪي ائين واءُ ڏيڻ مان چا ورندئي.

هر دل جي آڳر ۾ ٿو الله رهي،
ماڻهو ڪي ايذاءُ ڏيڻ مان چا ورندئي.

تنهنجا نيڻ ئي جاڙا چشما زم زم جا،
ٻڏندي ڪي درياءُ ڏيڻ مان چا ورندئي.

سوچ پُراڻي، پياري پيڻ جون سمجهاڻيون،
"ڌرتيءَ لئہ سِر ڀاءُ ڏيڻ مان چا ورندئي!"

لٽڪيل آ "منصور" اڳي ئي سوليءَ تي،
قاتل ڪي ڦتڪاءُ ڏيڻ مان چا ورندئي.

الڪ جي پوھ پارن ڪي، پريتم چو نٿو سمجھي،
سياري جي اشارن ڪي، پريتم چو نٿو سمجھي.

اندر جولاءِ جو ڪاڙھو، اکين ۾ سانوڻيون آھن،
اسان جي انتظارن ڪي، پريتم چو نٿو سمجھي.

پکين، موسم، ھوائن سان، سندس تسبيح پيو سوريان،
اجان پيي دل جي آرن ڪي، پريتم چو نٿو سمجھي.

وفا جي راھ ۾ رلندي پڇاٽيءَ تي پڳو جوڀن،
پڇاڙيءَ جي پڪارن ڪي، پريتم چو نٿو سمجھي.

ڪري مون چنڊ کي قاصد، مُڪو ”منصور“ ڏوراپو،
مگر منھنجي ميارن ڪي، پريتم چو نٿو سمجھي.



پارسائي نٿي ڪپي مون کي،
ڪا وڏائي نٿي ڪپي مون کي.

بي ضميريءَ سان جا ڪجي حاصل،
رھنمائي نٿي ڪپي مون کي.

سنڌ دشمن سان ھڪ گھڙي ھاٺي،
ويجھڙائي نٿي ڪپي مون کي.

سونھن سامھون ھجي ڏسان ويٺو،
بي خدائي نٿي ڪپي مون کي.

ھو اڇي مُنھن ڪيئن ويھان موڙي،
بي حيائي نٿي ڪپي مون کي.

ڳاٽ ”منصور“ جو جھڪائڻ جي،
وات وائي نٿي ڪپي مون کي.

رات ڪنهن جي سونهن کي ٿي مون تَڪيو،
چنڊ مون تي باهِ وانگر پئي ٻَڪيو.

مئڪدي ۾ چو وڃي ڳولي سرور،
جام آ جنهن تنهنجي نيڻن جو چکيو.

هِن دنيا جي هڙ هٽان هوندي به مون،
عشق کي آ، ڌار دنيا کان رکيو.

دل پهاڙن جان اٽل پنهنجي رهي،
توڙي جو هر شخص، ڏوٽيو ۽ ڏَڪيو.

عيد تي ”منصور“ جي وئي اوچتو،
حور ڪنهن اڄ هن کي ٻانهن ۾ ٻڪيو.



جهوپڻ ۾ ڪو چنڊ رهي ٿو،
پڪڙن ۾ ڪو چنڊ رهي ٿو.

سونهن سڄو سنسار او سائين!
ٻن ٻن ۾ ڪو چنڊ رهي ٿو.

نخريليءَ جا نيڻ نشيلا،
جوڀن ۾ ڪو چنڊ رهي ٿو.

ننڊ اکين تي پهرا ڏي ٿي،
خوابن ۾ ڪو چنڊ رهي ٿو.

شاعر تنهنجي سوچ نرالي،
جذبن ۾ ڪو چنڊ رهي ٿو.

ويگس ڪيڏو سوچي ويٺي،
الجهن ۾ ڪو چنڊ رهي ٿو.

تنهنجي اي ”منصور“ شهر جي،
رستن ۾ ڪو چنڊ رهي ٿو.

وڏي للڪار جي ڳولا،
ڪيم تلوار جي ڳولا.

اڳي ئي پونءِ سورن ۾،
نئي پوتار جي ڳولا!

اجائي آ اکين وارا،!
گُلن ۾ خار جي ڳولا.

ڪڙهي ٿو قلب ڪاڙهي ۾،
ڪجي وٽڪار جي ڳولا.

رهي آ من اندر پنهنجي،
سدائين يار جي ڳولا.

فقيري ويس ۾ آهي،
ڳجهي اسرار جي ڳولا.

مري ”منصور“ ٿو هتڙي،
نہ ڪر انڪار جي ڳولا.



پيجل ڪي سِر دان ڪريان ٿو،
دنيا کي حيران ڪريان ٿو.

سڀ کان پيارو ساهہ لڳو سو،
ڌرتي تي قربان ڪريان ٿو.

ذات سندا هٿيار ورهائي،
برپا ڪو گهمسان ڪريان ٿو.

جي ٿو توکان ڏور رهان مان،
پنهنجو ئي نقصان ڪريان ٿو.

ڪالهہ ڪيم ”منصور“ بغاوت،
اڄ بہ اهو اعلان ڪريان ٿو.

راتِ ۾ ديپ ٻاري، هلِي ٿي وڃين،
چنڊ وانگي نهاري، هلِي ٿي وڃين.

اي خوشي! عمر ڀر لاءِ مهمان ٿي،
ڪجهه گهڙيون گڏ گذاري، هلِي ٿي وڃين.

وار پنهنجا جي ڪولي ٿي گذرين متي!
ڪيئي واسينگ واري، هلِي ٿي وڃين.

تون اچين ٿي هوائون ٿيون چڙواڳ ٿين،
جام هر ڪنهن جو هاري، هلِي ٿي وڃين.

سونهن سورت سندي، جي ڪٽي ٿي گهلين،
ڪوڙ جيون ٻهاري، هلِي ٿي وڃين.

ننڊ "منصور" کي ڪيئن ايندي ڀلا!
خواب دل جا سماري، هلِي ٿي وڃين



پرياسين ٻاٽ ۾ هرپل،
رهياسين سوجهري وانگي.

ڏکيو دڳ عشق جو پوءِ پيي،
گُلن جي پيچري وانگي.

اوهانکي ڪير چاهيندو،
اوهانجي هن چريي وانگي.

وڇوڙو ٿي لڳو آهي،
حياتيءَ کي سُري وانگي.

اکيون تنهنجون اُتر جهڙيون،
۽ چاتي چاچري وانگي.

اوهانجو لفظ ڪائي ويو،
اندر ۾ آ ڇُري وانگي.

رهي "منصور" چو سنڌ ۾،
سدائين اوپري وانگي.

ستمگر ڳوٺ هن جي ۾ وٺي اي دل نہ ويندي ڪر،
وڃين جي سار جون هڏڪيون ڪٽي واپس نہ ايندي ڪر.

اسان جي پيار جو ڏيئو اجهامڻ جو ڪڏهن ناهي،
مٿي تون ايتري بي چين ۽ بي ڪل نہ ٿيندي ڪر.

سنڌءِ مخمور جوين جا نشا جانا نرالا هن،
پيارين ٿي جي نظرن سان پيالو پر ئي ڏيندي ڪر.

ڪرايان جا تعارف مان مٿيءَ جو بوتڙو آهيان،
ڪڏهن چئہ ٺهڪڙو مونکي ڪڏهن سڏڪو سڏيندي ڪر.

ڏنگا رستا ڏکيا ڏونگر ڪٽي ”منصور“ جي پهچي،
ڏئي ڪو حوصلو من ڪيس پاڪر ۾ پريندي ڪر.



بي خوديءَ جو، نشو چڙهيو مون تي،
ڪيڏو اوڪو، نشو چڙهيو مون تي.

جيئن گذريس پرينءَ جي در آڏو،
اڄ الڪ چو، نشو چڙهيو مون تي.

سنڌ جو نانءُ ڪونہ ٿو وسري،
اهڙو لوڪو! نشو چڙهيو مون تي

چاھ مان مون چکيا جو چپ تنهنجا ،
ڪيف جو ڪو، نشو چڙهيو مون تي.

مڌ پيئندي نہ ٿيڙ ڪاڏا مون،
تنهنجو چوڪو، نشو چڙهيو مون تي.

هاڻ ”منصور“ مان لڱس سڏجڻ،
ڪجهہ وري پيو، نشو چڙهيو مون تي.

تلوار ڪٽي توتي ترخان گهڻا آيا،
اي سنڌ! لُٽڻ توکي سلطان گهڻا آيا.

مندرن مان ڪنيئون موڙي، قاسم جي قيادت ۾،
تاريخ ٻُڌائي ٿي طوفان گهڻا آيا.

بدلي ۾ تواضع جي ڪيڏا نه مليا دوکا،
خنجر ڪي رکي ور ۾ مهمان گهڻا آيا.

مڪلي جي منارن جي تاريخ سچي شاهد،
ترخان هتي آيا، افغان گهڻا آيا.

چهرن تي ملي ڪارنهن، دلين ۾ دغا پالي،
ذرتي تي ٿيڻ قابض شيطان گهڻا آيا.

توکي مون رکيو سانڍي احساس جي پردي ۾،
هر طرف وڇوڙي جا امڪان گهڻا آيا.

”منصور“ اصولن تي هر ريت رهيو قائم،
توڙي جو خريدڻ لئه ڏنوان گهڻا آيا.



تنهنجا ماٽان مئڪشيءَ جهڙا چري!
تنهنجا جذبا سرڪشيءَ جهڙا چري!

مون مٿان برسات ٻڄجي ٿا وسن،
تنهنجا بوسا زندگيءَ جهڙا چري!

لمس تن جا مَنَ مهڪائِين پيا،
چَپَ اٿئي جو پنکڙيءَ جهڙا چري!

منظرن پيي ماٺ ۾ ويٺي چٽيا،
نقش تنهنجا شاعريءَ جهڙا چري!

گهر اچي اڄ ڪفر جهڙي رات ۾،
بلب ٻاريئي بندگيءَ جهڙا چري!

تون پري مون ڪان رهي مون ڪي نہ ڏي،
ائين وڇوڙا خودڪشيءَ جهڙا چري!

مون ڪان وڇڙي تون بہ بارش جان وڻينءَ،
چو پو لهجا ڏرتيءَ جهڙا چري؟!

پنهنجي محبوبن ۾ موتي ٿا ٻَسن،
سپ ڪوي چڻ جوهريءَ جهڙا چري!

ماڪ ۾ پُسندڙ پکين جا مون ڏٺا،
خُشڪ چهرا تشنگيءَ جهڙا چري!

شعر، هلندڙ دور ۾ "منصور" جا،
سچ سامهون آرسيءَ جهڙا چري!



لفظ سڀ سهڻا رسيلا رائيگان،
منهنجا تنهنجي در تي هيلا رائيگان.

مون اُجهامي ۾ پري آهي ڏٺو،
منهنجون منٿون ۾ وسيلا رائيگان.

چاهہ مان چوندي وَتم تو لئہ وڳا،
تو نہ پاتا جي، رنگيلا رائيگان.

ساڻ آهيو پئي تہ سهڻا ٿا لڳو،
تو بنا قيصرا! فضيلا رائيگان.

تو نہ موهيو جي ڪڏهن "منصور" کي،
نيڻ تنهنجا پئي نشيلا رائيگان.

قيصر، فضيلا = قيصر نظاماڻي ۽ فضيلا قاضي
، سنڌي شوبز جي هڪ خوبصورت پريمي جوڙي.

سچ جو پيڪر آهيان مان،
تنها بهتر آهيان مان.

تُنهنجي سوڙهي سوچ او ڪانئرا!
عشق جي ويڪر آهيان مان.

مون ۾ محبت ساهُ کڻي ٿي،
سنڌوءَ ساگر آهيان مان.

تو وٽ بم ۽ گولا آهن،
تنهن لاءِ بي پَرَ آهيان مان.

سنڌڙيءَ جا سڀ رنگ رڪان ٿو،
منڇر ڪينجهر آهيان مان.

ڏات بنا جڻ اجڙيل ڪنڊر،
يا ڪو تر بر آهيان مان.

جيڪي نانگ نسورا آهن،
تن لئہ اجگر آهيان مان،

لهر اڇي ڪا لوڙهي ويندي،
واري جو گهر آهيان مان.

دنيا ٿي ”منصور“ سڏي پر،
تو لئہ ڪافر آهيان مان.



شاعري، تنهنجو خواب ٿي پئي ها،
هر غزل لاجواب ٿي پئي ها.

تون وجهين ها جي هار ٻانهن جا!
لمحو لمحو گلاب ٿي پئي ها.

پير پوڙين ها تون جي لهرن ۾،
سمنڊ سارو شراب ٿي پئي ها.

مان هُجان ها پکي نماڻو ڪو،
گهُور تُنهنجي عُقاب ٿي پئي ها.

پوءِ نہ هر گز ڪجي ها مئہ نوشي،
مئڪشي جي ثواب ٿي پئي ها.

جي ڏئين ها اچڻ سندي آٿت،
ڪجهہ تہ مانو عذاب ٿي پئي ها.

تون بہ پوڄين ها، ڪڏهن تو ڪي پيي،
عشق، خانہ خراب ٿي پئي ها.

گُر نہ ”منصور“ سِکيو دنيا جا،
هو بہ جڳ ۾ جناب ٿي پئي ها.

ڏُکن، سُکن سان ٿهي وياسون،
بغير تو ڪان رهي وياسون.

ڏٺُئي! وڇوڙن جو زهر ڏوگهي،
وري بہ زنده بچي وياسون.

وڇي هي دردن کي هاڻ ڇئجان!
اسان پيي بي درد ٿي وياسون.

اندر ۾ سانڍيي اُڪير تنهنجي،
۽ تنهنجي رنگ ۾ رچي وياسون.

ها سنڌ ڏي جي ڪجي ڪا آڳر،
پيڙ ٿياسون مچي وياسون.

اڇي لٿي ڏرتتي اسان ۾،
پَرنَ کي ساڙي پچي وياسون.



ياد ڪا تنگ جي ڪندي هوندئي،
آڳ تن من ۾ پڙڪندي هوندئي.

ڌڙڪنن ۾ شمار هوندس مان،
دل اجان پيي تہ ڌڙڪندي هوندئي.

سازشن جو سماج آ توڙي،
آس ڪا من جي مهڪندي هوندئي.

مون لئہ ٿي بيقرار هوندينءَ تون،
اک ساڃي جو ڦڙڪندي هوندئي.

ڳالھ منصور جي اڇڻ جي آ،
دل خوشي مان تہ جرڪندي هوندئي.

جَلڻ پنهنجي مقدر ۾ لکيل آهي،
دُکڻ پنهنجي مقدر ۾ لکيل آهي.

اُپن ڪاون جي رستن تي سدائين هت،
هلڻ پنهنجي مقدر ۾ لکيل آهي.

اهي زندان، ۽ سوريءَ سندا ڳارا،
چُمڻ پنهنجي مقدر ۾ لکيل آهي.

رهياسون عشق آويءَ ۾ اسان هردم،
پَچڻ پنهنجي مقدر ۾ لکيل آهي.

رهون پرديس ۾ ٿا ڏور پنهنجن کان،
سِڪڻ پنهنجي مقدر ۾ لکيل آهي.

حسينن جي اڳيان سرڙو نوائڻ ۽،
جهُڪڻ پنهنجي مقدر ۾ لکيل آهي.

اسين تاريڪ راتين جا مسافر هون،
رُلڻ پنهنجي مقدر ۾ لکيل آهي.

رهي ”منصور“ مشڪل ۾ مگر پوءِ پِي،
کِلڻ پنهنجي مقدر ۾ لکيل آهي.



جهنگ گهاٽي، ڪنهن انڌيري ۾ حيات،
وحشتن جي آهي گهيري ۾ حيات.

وڏڦڙا نيڻن جا ڏيندا شاهدي،
پنهنجي گذري حال ميري ۾ حيات.

قوم جا ڪڙمي پلو ٿئي مات ڪرا!
کهڙي ڳولين ٿو وڏيري ۾ حيات.

تو ڪي چاهيون يا تہ ڌرتيءَ لئہ وڙهون،
آهي قاتل هِن نبيري ۾ حيات.

جڻ تہ سورن جو جنم مون ساڻ ٿيو،
آتشن جي آ بسيري ۾ حيات.

عمر پر ”منصور“ وڙهہ اونداھ سان،
نيٺ ڏسبي هي سويري ۾ حيات.

عيب پنهنجا رکي لڪائي ٿو،
آدمي پاڻ کي پڏائي ٿو.

خون جا داغ جنهن جي دامن تي،
پاڻ کي ديوتا سڏائي ٿو.

ڏِس تہ مٽيءَ منجهان جُڙيل بوتو،
تنهنجي دنيا خدا! مِٽائي ٿو.

پنهنجي مقصد ۾ ماڻهو ويڙهائي،
ڪيڏي انسانيت لڄائي ٿو.

پيار جو گس ڪوئي نٿو ڳولهي،
هر ڪو هٿ چوچڙي لڳائي ٿو.

پروسو ناهي دم تي آدم کي،
موت ”منصور“ پيو ڪنائي ٿو.



منهنجون سڀ تحريرون ڏسجان،
ڏاڍ اڳيان شمشيرون ڏسجان.

منهنجي اکڙين منجهه سمايل،
خوابن جون تعبيرون ڏسجان.

چمڪي پونديون چنڊ جيان هي،
مارن جون تقديرون ڏسجان.

تو لئہ هنج هندورو ناهي،
ايندي رهنديون هيرون ڏسجان.

مان تہ هوا تي هليو ويندس،
منهنجون پئي تصويرون ڏسجان.

پٺتي مان ”منصور“ ڇڏيندس،
شعرن جون جاگيرون ڏسجان.

حقيقت هان، ڪوڙي ڪٿا ڪو نہ آهيان،
سزا ئي سهي پر، خطا ڪو نہ آهيان.

چو ڪنهن جي چوڻ تي مٽايان طبيعت،
مان درٻاري ڪنهن جي ڪلا ڪو نہ آهيان.

اگهاڙي ئي پيرين هلي آءُ مون ۾،
ڊڄين چو ٿي مون ڪان، چِتا ڪو نہ آهيان.

مان مغرور آهيان يا مجبور آهيان،
مگر تو جيان بي وفا ڪو نہ آهيان.

فنا ڪن ٿا منهنجي ہ هستي وڇوڙا،
اڪيلو رهان ڪيئن؟ خدا ڪو نہ آهيان.

مان تنهنجو لباس آهيان، پاءِ مون کي،
ڪا موسم جي مٺنڊڙ ادا ڪو نہ آهيان.

اي ”منصور“! اگهجان ڪيئن يار آڏو؟
مان سهڻن چپن جي دعا ڪو نہ آهيان.



جڏهن تڪميل تي پهتس، وڃايو تو وري مون کي،
تراشي ڪنهن مصور جيئن، ڦٽايو تو وري مون کي.

ڏسي ورتاءُ تنهنجي کي، صدين ڪان سوڳ ۾ آهيان،
وٺي صورت طبيبن جي ہ، گهايو تو وري مون کي.

صحيفا سونهن تنهنجي کي، عيان ڪن ٿا عجب آهي،
ڪري حيران سجدن ۾، وڃايو تو وري مون کي.

مٽيءَ جي مورتيءَ کي پيي ، جلا بخشي ڪلا سان تو،
ڪڏهن پوري پٽر وانگر، ستايو تو وري مون کي.

چِتا شمشان جي ناهيان، پسم ٺيٺو نہ آهيان مان،
سخن ۾ ڪنهن سچائي جي، سمايو تو وري مون کي.

وجهي آوارگي ”منصور“ جي، قسمت جي ڪِستي ۾،
گناهن جي غلافن ۾، لڪايو تو وري مون کي.

گھاءُ ڏي مون کي، نہ ڪو پڇتاءُ ڪر،
منھنجو خنجر ساڻ آڏر پاءُ ڪر.

راھ ورتي مون بغاوت جي اِجھو،
ٿي سگھئي منھنجو اچي گھيراءُ ڪر.

پيار جو مون کان ٿيو آھي گناھہ،
ھاڻ تون مون تي پلي پٿراءُ ڪر.

رات مون کي ڏات جي ديوي چيو،
لڙڪ لاڙي درد کي درياءُ ڪر.

مون چيو ھڪ رات ڏي ترسڻ رڳو،
تو چيو ھل ھل ھتان اُڪلاءُ ڪر.

گل مروڙي وچ، دل جي لام تان،
آءُ تون سينگارجي، ٽڪراءُ ڪر.

پرھ جي مرڪن جو ڏوھي آھيان،
ڏي انڌيرا مون مٿان ايذاءُ ڪر.

بس رڳو پارت ھجئي ھن قوم جي،
پل نہ تون "منصور" سان پرچاءُ ڪر.



ڳنڍ وانگر ئي نڙيءَ ۾، آنءُ ترسيو آھيان،
بندشن جي خول ۾، ڦاٿل ڪو سُڏڪو آھيان.

ٻانھن سيراندي رکي، اڄ سور ٿو مونکي چئي،
ھي غنيمت سمجھہ شاعر! توسان پرتو آھيان.

منھنجي دل جي شھر تي، ٿانڊن سَندي برسات آ،
چرڪ، داڻھن ۽ ڌماڪن ۾ مان جنميو آھيان.

نيڻ منھنجا خواب، ڦلواڙيءَ جا ڏسندا ئي رھيا،
مان رُڃن ۾ رات پير، توڙي جو پٽڪيو آھيان.

عشق جو نعرو ٻُري، "منصور" ٿو مون ۾ سدا،
آڳ ۾ لاھي قدم، منزل تي پھتو آھيان.

وڏي ٿي زندگي تنهنجي ڪلڻ سان،
شرم پوٿي نہ ٿي منهنجي ملڻ سان.

ٿين بي ساهہ ٿا احساس دل جا،
سَندءِ هڪ وار ئي مرڪي پوڻ سان،

اکين جو شهر ٿي آباد پئي ٿو،
اوهان جي سونهن جا منظر ڏسڻ سان.

نہ مان ڪردار جو ڪمزور آهيان،
پلي ٽڪرائي ڪو مون کي پهڻ سان.

اگهڻ تي جو هٿن سان مون لڳايو،
پڪين کي پيار آ، ڪيڏو نہ وڻ سان.

سدائين پر جهليو، منصور جو تو،
وڏن ٿا حوصلا توڏي وڏڻ سان.



ڇهيو آ تو هوا وانگر، ڪو مون ۾ گل ٽِڙيو آهي،
چون ٿا وقت جو شاعر، بنا پيتي ٽِڙيو آهي.

ڏنم توکي تہ پهتيون ڄڻ، سپئي تڪميل تي آسون،
اگهڻ تي مدتن کان چنڊ، خوشين جو ڪِڙيو آهي.

وفا جي وير ۾ سهٽي، گَهڙي تي هُئي گِهڙي اڳ جا،
وري ڪو وير ۾ عاشق، گَهڙو آٽي گِهڙيو آهي.

رهينءَ دل ۾ سدائين تون، حسن جو ديوتا ٻڻجي،
ٿيو آهيان مان پوڄاري، تہ جڳ مون سان ڇِڙيو آهي.

وڃي اڄ ننڊ کي ڇئجو تہ، ڪو پيو در وسائي هو،
وري ”منصور“ جي سامهون، ذڪر تنهنجو ڇِڙيو آهي.

منَ ڳهيلو محبتون ڳولهي پيو،
ڏرتتيءَ ۾ بارشون ڳولهي پيو.

بي تحاشا نفرتن جي ميڙ ۾،
سهڻا لهجا، لذتون ڳولهي پيو.

خواهشون خنجر جي بستر تي ستيون،
دربدر ڪو آٿتون ڳولهي پيو.

چپ سموهي تنهنجي نيڻن تي رکان،
روح اهڙيون راحتون ڳولهي پيو.

سڀ لُٽائي، هوش ۾ ناهيون اجان،
ديس سارو دعوتون ڳولهي پيو.

ڏِس ڪوي آڏو پتائيءَ کي رکي،
پوءِ چريو چو آيتون ڳولهي پيو؟

ڳوٺ جو ”منصور“ سادو چوڪرو،
شهر پهچي سادگيون ڳولهي پيو.



درد جي ڪنهن سراب جو چهرو،
ڪو نہ گهرجي عذاب جو چهرو.

وس پڄاڻان وٺي بہ چو ڪنهن کي،
ڪنهن نياڳي نواب جو چهرو.

منهنجو معصوم من آ جهرڪي جان،
هو رکي ٿو عقاب جو چهرو.

جو تصور ۾ نيڻ چمندو آ،
سو ڏسي چو شراب جو چهرو.

سار هُن جي سُتي آ اکڙين ۾،
ڪيئن ڏسجي خواب جو چهرو.

منهنجي ڪيسي ۾ هُن جون تصويرون،
جنهن جو چهرو گلاب جو چهرو.

# طرحي غزل

نئين ڪنهن گهور گهايو هو، ٿيو ڪجهه پيار وانگي هو،
پريو آڙاهه پاڪر ۾ بدن گلزار وانگي هو.

جواني خواب جهڙي ۽ بهارن جون چميون ڪاٿي ؟
ايامن ڪان اياڻو روح ، پٽڪيل ٻار وانگي هو.

نتهڻ ڪا ماڪ ٿي برسي ، ڪڏهن ڪنهن ٽڏ پئي ساڙيو،
ملڻ اقرار جي صورت ، ڇڇڻ تڪرار وانگي هو.

چڙن جون چلولايون ۽ چنگن جا ساز ساڳيا هئا،
”پرايو ڳوٺ هو ليڪن ، پرينءَ جي پار وانگي هو.“

لڱن تي اجرڪون ويڙهيل ، هٿن ۾ امن جا جهنڊا،
اسان لئه سنڌ جو نقشو ، سڄي سنسار وانگي هو.

وڏي ويجهو وٺي هٿ سان ، ڳچيءَ ۾ ڳٽ وڌو ڳهلي،
ڦندو منصور سوليءَ ، جو نويلي نار وانگي هو.

**پرايو ڳوٺ هو ليڪن ، پرينءَ جي پار وانگي هو.**
**صاحب طرح: حسن درس**



## طرحي غزل

اسان کي نيٺ نيندي من، سُکن جي پار تنهائي.
جڏهن ملندين مٺا مون سان، مچيندي هار تنهائي.

رکيون سين هُن جي راهن ۾، سدائين آس جون ديدون،
“الائي ڪڏهن پارائي، گلن جا هار تنهائي”

دنيا پر جا سَهون صدما، لڳي تهمت مٿان تهمت،
اسان پارن اُوشاقن کي، گُهٽا ڏي مار تنهائي.

رکيا سون پنهنجي نيڻن تي، هجرِ جانان سندا تحفا،
اها مُرڪي ڳلي لاتي، ڏني جا يار تنهائي.

ڪويءَ جا خيال ڪيڏانهن ٿا، وجن هڪبئي پٺيان لڙهندا،
تڪي درياهه وانگر پئي، وهي هي تار تنهائي.

الئه چو هي ٻه جاڳن پيا، ستارا رات پر مون سان،
ڪيو تن کي ٻه شايد آ، گهٽو بيزار تنهائي.

پرينءَ جي پار ڪئن ويندين؟ وصل جي راه ۾ هر هنڌ،
اڙي منصور ! تنهنجي لئه، سجايو دار تنهائي.

**بلال تبسم پاران ڏنل طرح تي لکيل منهنجو غزل**






سنڌ هر حوالي سان سهڻي آهي، خوابن جهڙي آدرشي احساس جهڙي، جتي سنڌ جي سونهن جو ذڪر هلي، ان سونهن جي ساراهہ ۾ ڪويتائن جا گل ارپيندڙ شاعرن کي بہ وساري نٿو سگهجي، ڀٽائي، اياز، استاد ۽ اهو سلسلو اڄ تائين هلندو پيو اچي، ان ئي سلسلي ۾ تسلسل جي ڪڙي اسان جو نوجوان شاعر ساٿي علي منصور بہ آهي، علي منصور سنڌ جو لاجواب پلوڙ شاعر هجڻ سان گڏوگڏ بهترين باعزت، باوقار، نيڪ انسان، حساس طبعيت جو مالڪ پڻ آهي. علي منصورجي شاعريءَ جو جائزو وٺجي ٿو تہ هو گهڻ موضوعاتي شاعر محسوس ٿئي ٿو، ان سان گڏ هو هر شاعريءَ جي صنف تي بہ سٺو دسرس رکي ٿو، هن جي شاعريءَ جون ڪيتريون ئي سٽون هن جي اعليٰ تخليق جو خوبصورت اظهار آهن، هو نئين ٿهيءَ جو سگهارو شاعر آهي جنهن جي شاعريءَ جا رنگ سپاويڪ جذبن جي مڪمل ترجماني ڪن ٿا.

علي منصور کي الله همت حوصلو بلند درجو عطا ڪندو، ۽ هو سدائين ائين ئي لکندا رهندا بهترين تخليق، ڪڏهن بہ سندس آگريون نہ ٿڪجن جن سان لاجواب شاعري لکي رهيا آهن، اميد تہ پڙهندڙن کي هي علي منصور جو پهريون شعري مجموعو پسند ايندو بور ٿيڻ بجاءِ پڙهندڙن جا ٿڪ لاهي ڇڏيندو.

ڪونج بلوچ

دل کي ريجهائي پيو،
يادن سان جهيڙي،
هڪڙو پوڙهو شام جو.

ساڳيون چميون چاهه جون،
وينو سهيڙي،
هڪڙو پوڙهو شام جو.

برسي تي مڏ سونهن مان،
ساز پيو ڇيڙي،
هڪڙو پوڙهو شام جو.

اٽانگو پنڌ پريت جو،
پير نتو ٽيڙي
هڪڙو پوڙهو شام جو.

سگريٽن جي رک مان،
اوجاڳا ميڙي،
هڪڙو پوڙهو شام جو.



پنهنجو ناهي ڏٽي،
ويري ٿيا واهرو.

ڌرتيءَ جي هر دور ۾،
ٿي آ پيپل گهٽي،
ويري ٿيا واهرو.

گهر تڙ لٽيو، ننڊ ۾،
اٿو هاڻ ڪٽي،
ويري ٿيا واهرو.

رئيسن رکيو آ ڪري،
پيرن جي تہ پٽي،
ويري ٿيا واهرو.

جاڳو نہ تہ وجود جا،
وينداپن ڇٽي،
ويري ٿيا واهرو.

ڦٽڪي تنهنجي ذات ۾،
عمر جو ايذاءُ،
او شاعر هن ديس جا!...

تو ۾ ڪوئي ذات جو،
پگهري ٿو درياءُ،
او شاعر هن ديس جا!...

زخمي سيئي خواهشون،
لفظ لفظ ڪهڪاءُ،
او شاعر هن ديس جا!...

نفرت ندي ڏيهه ٿيو،
تون ناڪئو ٿي نپاءُ،
او شاعر هن ديس جا!...

سُتي ڏنئي سور جي،
مجبوريءَ ۾ ماءُ،
او شاعر هن ديس جا!...

تون جو وڪرو ڪين ٿئين،
صدقو توتان پاءُ!
او شاعر هن ديس جا!...

اپري باک بسنت جي،
گل گل هير هڳاءُ،
او شاعر هن ديس جا!...



روڪيو متان پير!
پنهنجو پنڌ اڳي اجان.

هلندو رهي قافلو،
توڙي دير سوير!
پنهنجو پنڌ اڳي اجان.

مانگر مڇ سان مورڙئو،
وجهڻو آهي وير!
پنهنجو پنڌ اڳي اجان.

ايندا آڏو اوچتا،
سسئي وارا ڏير!
پنهنجو پنڌ اڳي اجان.

پاڻ ئي ملندو پيچرو،
دشمن ٿيندا ڍير.
پنهنجو پنڌ اڳي اجان.

سامهون آهي آجپو،
ڪونهي هاڻي دير.
پنهنجو پنڌ اڳي اجان.

اپوجھن آزار.
مارئي تنھنجي ماڳ تي.

امڙين هاريا هانءَ ڙي!
ٻچا سڀ بيمار.
مارئي تنھنجي ماڳ تي.

سياسين سجائي ڪٽي،
ٻک سندي بازار.
مارئي تنھنجي ماڳ تي.

ڪُرسي جن جي قلب ۾،
ڪندا ڇا سهڪار.
مارئي تنھنجي ماڳ تي.

ڪوڙن ڪامورن ڪيا
واعظن جا وسڪار.
مارئي تنھنجي ماڳ تي.



جھرڪين ۾ جيئن باز
ٿر تي موت لٿو اچي.

قيامت ڪان اڳ ٿيو هتي،
قيامت جو آغاز.
ٿر تي موت لٿو اچي.

ڪڙڪيو قهر ڪتان اهو،
ڇاتو ڪنهن بہ نہ راز.
ٿر تي موت لٿو اچي.

ڪھڙو چئبو رب اهو،
جيئڻ جو انداز.
ٿر تي موت لٿو اچي.

هٿرادو سڀ حاڪمن،
جوڙيا ڪُل جواز.
ٿر تي موت لٿو اچي.

واريءَ ذرڙن مان پُريا
سڏڪن جا آواز،
ٿر تي موت لٿو اچي.

ٻُڪل اجرڪ جي ٻڌي،
ويندو هُس اسڪول.
ننڍپڻ وسري ڪونہ ٿو.

ٻلهاڙو ۽ ونجهوٽي،
ڳوٺ سندو چوسول.
ننڍپڻ وسري ڪونہ ٿو.

ٻالڪ ڏسي ڪيڏندي،
منَ ٿيو آهہ ملول.
ننڍپڻ وسري ڪونہ ٿو.

وڻن منجهہ رسا وجهي ،
جهولا ناهي جهول.
ننڍپڻ وسري ڪونہ ٿو.

ٻنيوري ٻُنيان ڊوڙ ۾،
پوپٽ، سرنهن ڦول،
ننڍپڻ وسري ڪونہ ٿو.



منهنجا نيڻ رُنا ،
تو جو ساٿ ڇڏيو__
تارن ڀري رات ۾!

تون جو ملڻ ۽ اوچتو،
ڇڻ هو چنبڊ گڏيو__
تارن ڀري رات ۾!

ڳِهتيءَ مان گذري ويس،
ٻنيان هُن سڏيو__
تارن ڀري رات ۾!

سڏڪي رهي سنڌ هُئي،
چندُر جيئن لڏيو__
تارن ڀري رات ۾!

هيءَ حياتي او ميان!
آهي اُڌاري–
وقت ٻيهي ئي نه ٿو!

ڪيسين جهلبي جيئڙا،
پُڪن ۾ واري–
وقت ٻيهي ئي نه ٿو!

ٿيندا چار ڪُلها رڳو،
سڀ جي سواري–
وقت ٻيهي ئي نه ٿو!

ايڏيون دوست اڏاوتون،
چا لئه چوڏاري ؟!
وقت ٻيهي ئي نه ٿو!

حصو ڏيندي هي دنيا،
بس ننڍڙي پاري–
وقت ٻيهي ئي نه ٿو!

محشر منجهه شال ڪٽين!
بارَ سپئي باري–
وقت ٻيهي ئي نه ٿو!



ڏيئو ڏيڍيءَ منجهه،
مَنَ ۾ آس سنجوڳ جي.

ائين آنءُ ٿياس جڻ،
پيڙي_ بنا ونجهه.
مَنَ ۾ آس سنجوڳ جي.

توڙي منَ آڙاهُه آ،
پر نه ڪيان ٿي ڪنجهه.
مَنَ ۾ آس سنجوڳ جي.

سانوڻ سور ٻٽيو اچي،
ڏاڍا ڏئي ٿو ڏنجهه.
مَنَ ۾ آس سنجوڳ جي.

پرينءَ پَسندي سرتيون.
سهٽي ٿي پئي سنجهه.
مَنَ ۾ آس سنجوڳ جي.

رڳُنَ منجهہ رَچيون،
تنهنجون ساروٽيون پرين!

اوسيئڙي جي آڳ ۾،
مون سان گڏ پَچيون.
تنهنجون ساروٽيون پرين!

مون کي جيون ۾ مليون،
آهن صرف سَچيون.
تنهنجون ساروٽيون پرين!

ذهن جي قرطاس تي،
باقي هاڻ بَچيون.
تنهنجون ساروٽيون پرين!

منهنجي من آغوش ۾،
نانگن جيئن نچيون.
تنهنجون ساروٽيون پرين!



ساهہ ٿيو ساٺو.
پُرجي ڪچي پينب جيان
تنهنجي وئي ڪان پوِ امان! .....

دعائن جهڙي ديس ۾،
آئون اياڻو.
تنهنجي وئي ڪانپوءِ امان !..

پنهنجي گهر ۾ تو لڳان،
ڪيڏو ويڳاڻو.
تنهنجي وئي ڪانپوءِ امان !..

ڪنهن سان ڪنديس هاڻ مان،
مانيءَ تي ماڻو.
تنهنجي وئي ڪانپوءِ امان !..

هاڻي ڪير پيار مان،
ڪوٺيندو راڻو.
تنهنجي وئي ڪانپوءِ امان !..

چاڏيون مڪڙ ويا هليا،
پينگ ٿيو پاڻو.
تنهنجي وئي ڪانپوءِ امان !..








”جاگيرداري شهنشاهن خُدا کي متئين / حڪمران طبقي جو حمائتي ۽ هيٺين طبقي جو دشمن ڪري پيش ڪيو“
نتيجي طور اچ ٻہ خُدا متئين طبقي کي جلدي ملي ٿو هيٺيون طبقو اچ ٻہ پليتي ۾ گهاري ٿو سال جا ٻارنهن ئي مهينا هو پيٽ ۽ خُدا جي وچ ۾ ٽنگيل رهي ٿو ۽ هو آخر ۾ ٻنهي ڪمن کي اڌ ۾ ڇڏي پاڻ پورو ٿي وڃي ٿو.
اهڙن پُٺتي پيل معاشرن ۾ شاعر کي ڇا ڪرڻ گهرجي اهو هڪ اهم سوال آهي، ۽ هن دنيا ۾ رُڳو ٻہ طبقا آهن، هڪ پيڙيندڙ ٻيو پيڙجندڙ ۽ ظاهري ڳالهہ آهي تہ هڪ سچيت شاعر کي خبر هوندي آهي تہ هن کي ڪنهن جي پاسي ويهڻو آهي، هڪ جي پر ويهڻ ٻي جي مخالفت ڪرڻ آهي، ۽ علي منصور لاءِ آنءُ پڪ سان اها ڳالهہ چئي سگهان ٿو تہ هو مظلوم طبقي سان گڏ بيٺل آهي، هو هن مٽي ۽ ان جي ماڻهن جو شاعر آهي، شاعر حالتن جو ادراڪ رکندڙ هوندا آهن ۽ انهن وٽ پنَ اکين کان علاوه محسوساتي حس تمام تيز هوندي آهي جنهن سان هو شين کي ڏسندا ۽ بيان ڪندا آهن.
هيئت کان مواد وڌيڪ اهم آهي ۽ علي منصور مواد ۽ موضوعن جي چونڊ ۾ ڪيتري ئي قدر ڪامياب بہ لڳي ٿو.
ٿر جي ريگستان ۾ هٿين خالي نڪري ان مان موتي ڳولڻ جو نالو شاعري آهي، ۽ علي منصور ان ريگستان مان جيڪي موتي لڌا آهن اُهي ”مان تنهنجو لباس آهيان “جي لڙي ۾ پوئيل صورت ۾ اوهان آڏو آهن.

عرفان لُنڊ

## منهنجواَجهو....

بي گهر تہ نہ آهيان مان،
جو مون کي ڀُليل ڪوٺين،
آ ماءُ جي پيرن ۾،
رب منهنجو آجهو ٺاهيو،
گُل مونکي دعائن جا،
اُٺندي ئي امڙ ارپي،
منهنجي تہ ميان گهر ۾،
اک کُلندي عبادت آ،
سُک چين سندو ڀُلجي،
مون ۾ ئي مَهو رهجڻ،



امڙيءَ جي هي عادت آ،
سوچان ٿو خدا آهي،
انسان جي صورت ۾،
يا منهنجي امڙ آهي،
پڳوان جي صورت ۾،
دنيا ۾ نہ ٻي هستي،
آئي ڪا اکين آڏو،
جيجل جي اڇي جيڪو،
هت جاءِ والاري ها،
انسان لئہ خوابن جا،
ميدان سنواري ها،
دنيا جون خوشيون ساريون،
ماڻهن جي ڀلي خاطر،
ٻُڪَ مَنجهہ ٻوهاري ها،
اي ڪاش! دليون هر ڪو،
امڙين جيان ڏاري ها،
اي ڪاش! دليون هرڪو،
امڙين جيان ڏاري ها.

## قبيلائي جهيڙا .....

كپائي ڍور سڀ گھر جا،
وٺي هٿيار آيا جي،
خريدي هوڏ پئسن سان،
ٿيا انسان مان وحشي،
ڪُتا جهيڙا قبيلن جا،
پيا ڪن قوم کي زخمي،
وڏائون وير نانگن جان،
ڪُنائون ڪيترا ڪونڌر،
وڏا قاتل وڏا اجگر،
وڏائي وحشتون گھر گھر،
ٻٽيا زوري ونين جا ور،
ڪيو برپا وتن محشر،
لپي سک کو نہ ٿو ڪنهن پر،

جنين ميڙيا مهينن کان،
ڪلاشنڪوف لئہ ڏوڪڙ،
ٻچن جي پر ڪتابن لئہ،
نہ پئسا پانڌ ۾ تن جي،
ڪلاسن کان ڪلاشن جو،



متاهون مرتبو پائڻ،
ڏَسيو کھڙو ڏيون ٿا پيا!
نسل ايندڙ کي آئيندو؟
اهي چا پاڳ ماڻيندا،
وڙهي هڪٻئي کي ماريندا،

ڏَسيو ڪا مات پيي ايندي!؟
انهن بيمار ذهنن کي،
ڏَسيو هي رات پيي ويندي؟
۽ چوڏس روشني ٿيندي؟
جڏهن ڪرندو نہ ڪو لاشو،
ٿئي سک چين جو واسو،
جمالا ڳائبا هر هنڌ،
ٻچا پرٽائبا هر هنڌ،
پڙهڻ ويندا ننڍا نينگر،
ڪٽي سڀ ڳوٺ منهنجي جا،
نہ جن کي ٿا اماڻيون اڄ،
مرڻ جي خوف کان پاهر.
مرڻ جي خوف کان پاهر.

## پوروپيل

ها مان هندو ۽ تون مسلم!
تنهنجا پير هوا ۾ ناهن
مان پيي اپ تي ڪون ٿو اڏران
پنهنجا پير زمين تي آهن
ڌرتي تنهنجي ماءَ مڃان ٿو
منهنجي پيي هي ماتا آهي
متي توکي مانُ ڏيئي ٿي
مونکي ڏسندي مُرڪي پئي ٿي
مڃيم مذهب ساڳيا ناهن
ڌرتي کي ڪئين ڌار ڪندين تون!؟
تنهنجا محل مزارون اڏجن



مون کي ڪو اعتراض تہ ناهي!
متيءَ سان جي گڏجڻ چاهيم
تون ڇو پڙڪي باهہ ٿيو آن
متي تنهنجي ماءُ مڃان ٿو
منهنجي پيي هي ماتا آهي!
توکي ڪنهن هي حق ڏنو آ!
منهنجي تون تذليل ڪرين ٿو
منهنجو لاش رڻن ۾ رولي
مونکي ائين ذليل ڪرين ٿو
ڇا ٿو سمجهين بخشيو ويندين!؟
ڌرتي توکي معاف ڪندي ڇا!؟
متي تنهنجي ماءُ مڃان ٿو
منهنجي پيي هي ماتا آهي.

# اهڙو نينهن آ ٿيندو جاني!

باطن، ظاهر ايندو آهي،
سور به مٺڙا ڏيندو آهي،
اهڙو نينهن آ ٿيندو جاني!

ڪو دم ماڪيءَ لار مٺو آ،
ڪو دم ڪاتيءَ ڪان به تکو آ،
ڪو دم ساهُ گُھٽيندو آهي.
اهڙو نينهن آ ٿيندو جاني!

هيڪر جيءَ اڙي ٿو راڻا،
هئ هئ ساهُ سڙي ٿو راڻا،
رقص ۾ روح پٽيندو آهي.
اهڙو نينهن آ ٿيندو جاني!

ڏينهن چا ڪارين راتين ۾ پيو،
پيار پريت جي لاتين ۾ پيو،
ساهُ پکي پوليندو آهي.
اهڙو نينهن آ ٿيندو جاني!

سار ۾ دل سان ميت ملائي،



وايون، دوها، گيت به ڳائي،
جذبن کي جوڙيندو آهي.
اهڙو نينهن آ ٿيندو جاني!

تات به جيڏا! ڏيل ڏُکائي،
روز وڇوڙو جان جلائي،
ڏينهن جيئن ڏنگيندو آهي.
اهڙو نينهن آ ٿيندو جاني!

پاڻ پرين منصور سڏائي،
يا ٿي پيجل ڪنڌ ڪٽائي،
گهاٽي ۾ پيڙيندو آهي
اهڙو نينهن آ ٿيندو جاني!

# ڪا جنگ ضروري آ

هي گھاوَ جدائيءَ جا
۽ درد خدائيءَ جا
گھتجڻ جا پرين ناهن
ڪا جنگ ضروري آ

چو يار اجا گھاريون
رسمن جي غلاميءَ ۾
هر ويل رهون جيڪر
محبت جي سلاميءَ ۾
هن دور تقاضا ڪئي
ڪا جنگ ضروري آ



اوندھ جو بسيرو چو
ويجھو نہ سويرو چو
جيون هي سچو سارو
سورن جو هندورو چو
چڙواڳ ستم هر جا
۽ پيار انڌيرو چو
گھُرجي ڪو چوٽڪارو
ڪا جنگ ضروري آ

اي ڪاش تڙي سگھجي
هن رات اماوس کي
گھاٽي ۾ ڇڏيون پيڙي
دنيا جي غلاظت کي
هت راڄ ڪيو سورن
هڪ پونءِ سئو هچارا
غيرن جي غلاميءَ کي
پيرن سان تڏيو پيارا
ظالم تي ضرب جي لئہ
ڪا جنگ ضروري آ

## حسينا

اڙي او آبشارن جي،
بدن جهڙي حسينا ٻڌا!
اسانجا خواب تنهنجي سونهن ـ
جي پوڇا ڪندا آهن،
مجازي عشق منهنجي ڪي،
تُنهنجي ڪارن ڏِکهن وارن،
ولين وانگي وڪوڙيو آ،
اڙي او سونهن جي وهندڙ،
نديءَ جهڙي حسينا ٻُڌا!
اسانجي هاڻ سجدن جو



ٻڌيو محوّر حُسن تنهنجو،
اسان پنهنجي عبادت جو
سِلو تو ۾ پيا ڳوليون.
چڪيا تي پاڻ ڪي چاڙهي،
چلا ڪاٽيا سون چاهت جا،
اڙي رابيل جي ڦُندڙ
ڪَلين جهڙي حسينا ٻُڌا!
اسان جي ذهن ۾ گونجن،
ڪنوارا ٽهڪ ٽا تُنهنجا،
هلين ٿي چيلهه کي موڙي،
وڏي ٿي ريس مورن ۾،
هٽايئي زلف چهري تان،
ڪنوڻ ڪيچل ڪري ٿي چڻ،
ٿين ٿا لوڪ ساري جي،
دلين ۾ گاج جئن ڌڌڪا،
اسان هر پل پناهُن ڪي،
پرين تو ۾ ئي ڳوليو آ،
وڃائي پاڻ ويٺا سون،
تُنهنجي اکڙين جي واديءَ ۾.
اڙي او آبشارن جي
بدن جهڙي حسينا ٻڌا!!

# جيون ۾ ڪو ساز وڳو آ

توسان ملندي ائين لڳو آ،
جيون ۾ ڪو ساز وڳو آ.

دردن ڪي ڪي طاق لڳاهن،
خوشين جا جڻ واڪ لڳا هن،
ٿڪ سندم ڇڙواڳ ٿيا هن،
ڇير جي ڇم ڇم پاڳ ٿيا هن،
لُڙڪن تي جڻ پارا ڇايا،
موسم پيي تہ جمالا ڳايا.

توسان ملندي ائين لڳو آ،
جيون ۾ ڪو ساز وڳو آ.



صدين جي هئي آڳ اسان ۾،
موئن جهڙا ماڳ اسان ۾،
ڪيڏارا ڪي راڳ اسان ۾،
عشق سندا ويراڳ اسان ۾،
جيون سارو جلٿل هو ۽،
واچوڙا ويراڳ اسان ۾.

توسان ملندي ائين لڳو آ،
جيون ۾ ڪو ساز وڳو آ.

توسان ملندي ائين ٿيا هون،
صحرا ۾ جڻ مينهن ٿيا هون،
عيد جو سهڻو ڏينهن ٿيا هون،
پرواني جئن جيءُ جلائي،
پاڻ نسورا نينهن ٿيا هون،
محبت ميلا خوب اسان ۾،
سڪ سندا ساٽيهه ٿيا هون.

توسان ملندي ائين لڳو آ،
جيون ۾ ڪو ساز وڳو آ.

## قيد جون چاڙهيون ......

چڏي پرديس کي ڪي پَل،
وجان پيو ڳوٺ پنهنجي مان،
خوشيءَ ۾ ڪونہ ٿو ماپان،
ڏسان ٿو آئينو هر هر،
پيو ٿو پاڻ کي ناهيان،
ڏسيو نہ پاڻ کي ڏاپان،
مٿايان ويس ٿو ويٺو،
وريو پيا پيا پيو پايان،



تصور سونهن راڻيءَ جو،
وکوڙي ٿو وجي مون کي،
اُها جا مون سان پڙهندي هئي،
ڪَٽي اسڪول هلندي هئي،
بنهه معصومڙا هئاسون،
جواني ڪين جهليو هو،
اسان جي چيچ ننڍڙيءَ کي،
اچن ٿيون يادگيريون سڀ،
گهڙيون سهڻيون نٿيون وسرن،
اهو اسڪول ڪان ورندي،
سڏو ڳوٺن جي نلڪن تان،
ٻُڪن ۾ سو پيئڻ پاڻي،
رُسڻ، جهيڙو ڪرڻ، پرچڻ،
وري اسڪول ۾ گڏجڻ،
وساري رنج پل پر ۾،
نچڻ ڳائڻ اهو جهومڻ،

رهيو جو ذهن منهنجي ۾،
سندءِ جوين سندو نقشو،
الائي هوءَ ڪيئنءَ هوندي،
جيئنءَ سوچيو تيئنءَ هوندي،
الائي هو ڪيئن هوندي،
ملڻ مون ساڻ پي ايندي،

الائي وَر اچڻ ڏيندس،
اسان جي گهر جي آڳر تي،
لڳي ٿو يا تہ جهيڙيندس،
متان هو قيد ڪاتي پئي،
دنيا جي سخت رسمن جا،
الائي ائين نہ ٿي ڪاتي،
اکين ڪان هوءَ رهي اوجهل،
اجائي سڀ وجي گذري،
مليل سالن پنيان موڪل،
لڳي ٿو پر ائين مونکي،
ملڻ مون ساڻ هو ايندي،
چڙهي سڀ قيد جون چاڙهيون،
ملڻ مون ساڻ هو ايندي.
ملڻ مون ساڻ هو ايندي.



## تصوف....

ٺوٺ ڪان پيي ڪجهہ وڏي ڏاڙهي رکي،
درس ڏين ٿو ڏيهہ کي نفرت سندا!
ڪُفر ٿو ڪوٺين پيو تصوف کي!
تنهنجي اهڙي سوچ تي افسوس آ،
صوفيت،انسانيت جو درس آ،
جنهن ۾ بس انسان جي عظمت عظيم،
ڪجهہ پروڙي وٺ ڳُجهي اسرار کي!
جو لڄايو ٿئي سندي دستار کي!
تون اول قرآن جي تفسير پڙهہ
پوءِ پٽائي ۽ گرو رجنيش پڙهہ
ڪي بلهي، باهوءَ سندا ديوان پڙهہ،
مثنوي رومي هنڊائي هيانوَ سان،
پوءِ وڏي اچ تون وري ڪجهہ راڳ ڏي!
راڳ جيڪو روح جو آهي قرار،
راڳ جنهن ۾ بي خوديءَ جو رقص آ،
راڳ جنهن ۾ خود پرينءَ جو عڪس آ،
رقص جنهن لئہ ڪجهہ چيو هو ائين اياز،
”رقص آهي جسم جي چڻ شاعري“
ٿو سُرورن کي رَسڻ چاهين اگر!

عابده پروين جا آلاپ ٻُڌ!
ٻڌ چيون جيڪي "ڪنور"
لوريون سپ ڏيان سان،
تنهن جي هر ورلاپ ۾،
ڄڻ تہ هو،
ڪمب اذني جو حڪم،
جو ڪري زندهہ ويو،
مئل دليون سنسار ۾،
راڳ جنهن تي ڪو ڌرم لاڳو نہ آ،
ڪا سرحد ۽ ڪو پيرم لاڳو نہ آ،
ڇڏ جُسو جڳجيت جا ورلاپ ٻُڌ!
اڳ انا الحق جي صدا تي مَچرجي،
مَرد هڪ منصور تي فتوي هڻي،
دار تي چاڙهيو هيو تُنهنجي وڏن!
تون اجا ساڳيون ڪرين ٿو غلطيون!
بي سبب ويران ڪرين ٿو وستيون!
ٿوٽ ڪان پيي ڪجھ وڏي ڏاڙهي رکي،
درس ڏين ٿو ڏيه کي نفرت سندا!
ڪُفر ٿو ڪوٺين پيو تصوف کي!



## ڪو بہ منهنجي ڳوٺ ۾ واندو نہ آ...

ڪو بہ منهنجي ڳوٺ ۾ واندو نہ آ.
راند ڪيڏڻ ڪم واندن جو چريا!
۽ وري بُزدل پڙهن اسڪول ٿا!
پاڻ جي بَڪسا ڪٽي مڪتب وڃون،
هوٽلن جي چانهہ پيئندو ڪير پوءِ!؟
ڪير وڙهندو روز ڪُڪڙن شرط تان!؟
۽ اُڏائيندو ڪبوتر ڪير پوءِ!؟
پنهنجا ڳيرو جي پڙهي مُهذب ٿيا،
گاهہ تي ويندڙ ونين کي روز پوءِ،
ڪير ڏيندو هي ڪچيون گاريون ڀلا!؟
ڪير پوءِ الزام ڪارين جا هڻي،
روز ڦاڙيندو مٿا تن جا ڀلا!؟
ڪو بہ منهنجي ڳوٺ ۾ واندو نہ آ.

ڪنهنکي ڪنهن جا ڍور ڪيڙٽا هن گهران،
ڪنهن کي پنهنجو وير وِنٹو آ اجان،
ڪنهن کي ٻن چورن سان ڏسٽي آ فلم،
ڳوٺ جي ڏس چوڪ تي ئي ڪنهن وري،
هي جوئارين لئہ وچايو آ غلم،
فيڪٽرين ۾ هي ڪمائن چو پلا!؟
وقت پنهنجو هي گنوائن چو پلا!؟
هي لڳا روزي تہ مايون چا ڪنديون!؟
عورتون هِن مرض ڪهڙي جي دوا!؟
هوءَ وڃي چوٽيون ڪنديون رونبا ڪنديون!
بس هنن کي ڪيڏٽي آهي جوئا!
ڪو بہ منهنجي ڳوٺ ۾ واندو نہ آ.

ڪي ٻوهاري ڏين ٿا مئخاني اندر،
ڪنهن پٽي ڏاڙهي پرائي ڪئي پڌر،
ڳوٺ منهنجي جا بهادر چوڪرا!
مئڪدي کي روح جي راحت چون!
روز ڦُوڪين چرس ۽ آفيم هت،
نوجوانن جي مان ٻُڌندي ٿو ڏسان،
پينگ جي ڪونڊن ۾ هستي هوڏ ڪي،
حيدري نعارا بُلند آواز ۾،
روز تِن کي آئون هٽندي ٿو ڏِسان،



چڙ اُماٽين ٿا امامن کي خراج!
ائين ماڻن پيا جوانيءَ جو معراج!
ڏُت رهندا هن نشن ۾ هي صفا!
ڪو بہ منهنجي ڳوٺ ۾ واندو نہ آ.

ڪو تہ ڪنهن جا ننگ ٿو تاڙي هتي،
ڏِس پراوا دنگ ٿو تاڙي هتي!
رات ڀر جاڳي ٿو چوڪيدار ڏِس!
ٿي ڦِري هُن جي نظر چوڏار ڏِس!
ڳوٺ ۾ سَڏجي پيو وينجهار ڏِس!
آ وڏيري جو ٻٽيو ڪمدار ڏِس!
پيءُ ڪنهن جي ڪان ڊجي چا لئہ پلا؟
ڪو بہ منهنجي ڳوٺ ۾ واندو نہ آ.
ڪو بہ منهنجي ڳوٺ ۾ واندو نہ آ.

# هائيڪو نظم

پوڙهو آ بيمار
ڦُل ۾ تانڊو پيو دُکي
حُقي جو گُڙڪار.

پوڙهو آ بيمار
کنگهي ساري رات ۾
جاڳي ٿو لاچار.

پوڙهو آ بيمار
ڇِڙٻون ڏيئي پيو تڙي
سَندي گهر جو ٻار.

پوڙهو آ بيمار
پوپي گهر جي راھ تي
ڪندو آ ڇٽڪار.

پوڙهو آ بيمار
سوچي ٿو حج تي وڃان!
آهيان گناهگار.



# هائيڪو نظم

ڪيڏا سهڻا ناز،
او سچ جهڙي ڇوڪري!
ڇا تہ اٿئي انداز.

ڪيڏا سهڻا ناز،
تُنهنجي ٻيهڪ ڪي ڏسي!
جُڙيا هوندا ساز.

ڪيڏا سهڻا ناز،
قُدرت جا ڪي چاڳلي!
رکيل تو ۾ راز.

ڪيڏا سهڻا ناز،
کولي وار نہ گهُم چري!
جهٽي ويندئي باز.

ڪيڏا سهڻا ناز،
ڏسي جن کي دنگ ٿي،
پکين جي پرواز.

## چپن جا ذائقا!...

ڏسڻ سان ڏھ دفعا سوچيم
تہ تنھنجي گھور تي لکجي
مگر لفظن جي ويڙھي ۾
وتان ٿو پٿڪندو آئون
لچاري سونھن تنھنجي تي
لِکڻ جي لئہ لَچڻ گھُرجي



لِکڻ وارا لَچڻ سارا
رڳو بس ڏات ڏيندي آ
مگر ھي ڏات پيي مون سان
مھينن کان رُٺل آھي
ھجي ھا ڏات جي پرتل
ستون کي سمنڊ مان ڳولي
رباعيون نظم دوھا ۽
غزل کي گيت وايون ۽
سريلا بيت بيحد مان
لکان ھا سونھن تنھنجي تي
مگر تو سان وچن آھي
جڏھن پيي ڏات ھي پرتي
ٻُڌي ڇڏ سونھن جي سرتي
سدائين حسن تنھنجي تي
پيو مان ھائيڪا لکندس
صدين جا واسطا لکندس.
چپن جا ذائقا لکندس!!

## جاڳ جا خواب...

ماڪ جي شفاف قطرن جو نچوڙ،
رنگ پنچين جي سچي سنسار جا،
۽ سپين سرهن گلن مان ست ڪڍي
چنڊ جي چانداڻ اوتي ٿانوَ ۾،
توکي خلقيو آ خدا منهنجي ڪري،



books.sindhsalamat.com


سونهن تنهنجي جڻ سراپا ڪائنات،
مون وڄايو چين آ تو ۾ سندو،
چٽنگ ٻاري چاهه جي هئي تو جڏهن،
پنڌ مان تنهنجا پڪين ڪان پيو پچان،
ياد جي آغوش ۾ پيي ٿو لڇان،
تون نديءَ جهڙيون نگاهون ٿي رکين،
وار ڪارا جڻ بلائون ٿي رکين،
سج جهڙيون جڻ ادائون ٿي رکين،
تون ڪٽي شعلا جوانيءَ جا جڏهن،
مون اڳيان هڪڙو دفعو گذري هئينءَ،
تنهن گهڙي ڪان تون اکين ۾ ٿي رهين،
ننڊ جي تو جاءِ والاري وتي،
جاڳ ۾ مان خواب لهندو ٿو وتان،
آسمانن تي اڏان ٿو هر گهڙي،
سانوري! جهڙ ساڻ کهندو ٿو وتان،
روز نهندو روز ڍهندو ٿو وتان،
منهنجي هن معصوم دل تي ٿا وسن،
هي جدائي جا هتوڙا چو پلا؟
او چري! ايڏا وچوڙا چو پلا؟



www.sindhsalamat.com

## مون مٿان ورجاءُ جي تهمت لڳي؟

چنڊ جي تُربت تي مون چادر وڌي،
۽ قلندر ساڻ پيتم وھ-چڪي
چاھ جي ڪنهن چوڪ تي سيني منجهان
دل ڪڍي ڪوڪو هڻي آهي ٽنگي،
يار جي نيڻن کي آئينو ڪري،
پاڻ کي ڏسندو رهيو آهيان ڀڪي،
مون ستن ۾ ساھ اوتڻ لئہ سدا،
خوب خوابن جي ٻري آهي چٽي،
مون نقادن جي دڪانن تان ميان!
استعارن جا لٽا عمدا وٺي،
شاعري مظلوم جي اوگهڙ ڍڪي،
تيز، تشبيهن سندي طوفان ۾،
مون وڄايو ڪيئي ڀيرا پاڻ کي،
پوءِ ٻي تخليق منهنجي کي پڙهي،
جدتن جو جڳ سڄو ويري ٿيو،
لوڪ طعنن ساڻ منهنجي دل ڀڳي،
مون مٿان ورجاءُ جي تهمت لڳي!



## مسافر زندگي...!

روح پنهنجو عشق سان وندرائبو،
ڪجھ پلن جي آ مسافر زندگي.
واربي ساري حياتي پيار تان،
پيار تان، هڪ سنڌ تان پيو يار تان،
سنڌ جو نقشو اکين جو ٺار آ،
مُرڪندي موٽي ٻہ اڇبو دار تان،
سونهن جو ئي ورد پيو ورجائبو،
ڪجھ پلن جي آ مسافر زندگي،
روح پنهنجو عشق سان وندرائبو!

هار ٻانهن جا محبت جو ڳلو،
دل تہ آ ڌرتي ڌراوت جو ڳلو،
هي وسيلا ساربا پنهنجا سپئي،
جسم ڌرتي ۽ ثقافت آ ڳلو،
اڄ وڏيون ظالم رياست جو ڳلو،
ڏاڍ سان هر ڏوهہ سان ٽڪرائبو،
ٽوپ، اجرڪ سنڌ تنهنجو پائبو،
ڪجهہ پلن جي آ مسافر زندگي،
روح پنهنجو عشق سان وندرائبو!

هي گلن جي پوک آهي شاعري،
چانوَ جي احساس جهڙي دل لڳي،
نينهن جا اکڙين سان ڳنڍجن ٺهڪڙا،
چو ڪجي بنواس جهڙي هر خوشي،
درد کي پيي واهہ جو جهومائبو،
۽ خوشين جو هو جمالو ڳائبو،
ڪجهہ پلن جي آ مسافر زندگي،
روح پنهنجو عشق سان وندرائبو!

تلخ لهجن جو زهر ڪيسين پيئون،
آڳ آ پنهنجي اندر چُپ ڪئن ٿيئون!
آ مزو ايڪي ۾ منهنجا ساٿيو!
وير پالي دربدر چا لئہ ٿيئون!



پنهنجي ڌرتيءَ جو ثمر ئي کائبو،
ڪجهہ پلن جي آ مسافر زندگي،
روح پنهنجو عشق سان وندرائبو!

جي نہ ڪندين ساڻ رکبي دوستي،
پوءِ وجي گلزار ٿيندي زندگي،
ديس سان ئي آهي پنهنجي هر خوشي،
جنهن ڪئي ڌرتي آ پنهنجي ڌرتتي،
تنهن نہ دشمن کي ڳلي سان لائبو،
خوب خنجر ساڻ تنهن کي گهائبو،
مينهن پٿرن جو مٿس برسائبو،
هر پهر منصور ٿي ملهائبو،
ڪجهہ پلن جي آ مسافر زندگي،
روح پنهنجو عشق سان وندرائبو!
روح پنهنجو عشق سان وندرائبو!

## اوشاعري!..... شڪوا

شاعري سان پيٽ ٿو ڀرجي ڪٿي،
گيت وائي ۽ غزل يا بيت ڪو،
هن بکايل پيٽ لئہ لقمون نہ ٿيا،
نظم ٽيڙو يا ڪٽي ڪافي ڪڏهن،
باهہ بُک جي تي ڇنڊو پاڻي نہ ٿيا،
ڪو بہ دوهو ڪونہ ٿيو آهي ڳيو،
ها مگر مون کي نلهي واهہ واهہ سوا،
شاعري ڏس تو ڏنو آهي بہ ڇا!
تنهنجي صحبت مفلسي مونکي ڏني،
ٿي دنيا کان بي خبر لکندو رهيس،
عشق تنهنجي ۾ ويا ڪم ڪار سڀ،
منهنجي ٻارن کي سنو مڪتب ملي،
معجزو اهڙو صحيفن ۾ نہ آ،
يا هتي تخليق پنهنجي جو ڪڏهن،



ڪو اجوروئي ملي مون کي پوي،
آس اهڙي هن زماني ۾ رکڻ،
ڇڻ تہ آهي پير پٿرن کان گهرڻ،
ها ميان ٿو ذهن منهنجي کي گهٽو،
ڏات سان تو آهي مالامال ڪيو،
پر ويچاري ڏات پي مون لئہ ڪڏهن،
ڪو اٽو يا ڪو اجهو ناهي بڻي،
ياوري هت ڪنهن اگهاڙي جسم لئہ،
ڪو لٽو بڻجي سگهي ناهي ڪڏهن،
پر اجان منهنجي ذهن جو پيٽ هي،
ڪونہ تون شايد ڀري سگهندين ڪڏهن،
بحر ۽ تنهنجا وزن سڀ سور هن،
ماترائون ڇند وديا بوجهہ سڀ
ڪافيا پي درد جو دارون نہ ٿيا،
۽ رديفن پي نہ ڪا آٿت ڏني،
دل ڇوي ٿي ڪو وڏو تالو وني،
شاعري تنهنجي ڇپن تي مان هٽي،
ٿو چوان هاڻي ڪريان تو کي ودا ع،
الودا ع او شاعري بس الودا ع،
الودا ع او شاعري بس الودا ع.

*